اِنَّمَا اللّٰهُ اِلٰهٌ وَّاحِدٌ (النساء- ١٧١)

# توحيد

ڪراچي

وحده لاشريڪ له اهو وهائج وِيُ (شاهه)

سنڌ ۾ توحيد جي دعوت لاءِ فڪر ۽ عمل
جون نيون راهون روشن ڪندڙ ماهوار
ڪتابي سلسلو-3



سرپرست اعليٰ: مفسر قرآن
حڪيم الاسلام مفتي عبدالوهاب چاچڙ

**سرپرست**
**پروفيسر سيد عباد الله راشدي**

**چيف ايڊيٽر**
محمد سليمان طاهر انيڙ

**ايڊيٽر**
نور احمد ميمڻ

**مشاورتي بورڊ**
مفتي محمد صادق سومرو
عبدالستار عباسي
محمد انس راڄپر
محمد رفيق پرڳڙي


صفر المظفر ١٤٣١ هه مطابق فيبروري 2010ع

## فهرست


| | | |
|---|---|---|
| حڪمت قرآن | ادارو | 2 |
| حڪمت رسول ﷺ | ادارو | 3 |
| حضرت روضي ڌڻي رحمة الله عليه فرمايو... | ادارو | 4 |
| امام عبيدالله سنڌي رحمة الله عليه فرمايو | ادارو | 5 |
| امام حماد الله هاليجوي رحمة الله عليه فرمايو... | ادارو | 6 |
| مسلمان ۽ غلامي | مولانا محمد سليمان طاهر | 7 |
| شرڪ ۽ وڏائي | نثار احمد پناڻ | 9 |
| مال خرچ ڪرڻ بابت قرآن جا حڪم | نديم احمد سولنگي | 11 |
| شيطان جا ساتي طبقا | نور احمد ميمڻ | 10 |
| مسلمان سان خير خواهي جو نبوي طريقو | مولانا شعيب الرحمن ڪهڙو | 13 |
| ملسمانن جو عروج ۽ زوال | مولانا عبدالسلام سومرو | 20 |
| قرآن مجيد جي اشاعت جو سلسلو | علامه عبدالله منهاس | 26 |
| اسلامي اقتصادي تعليم جا اصول | مولانا عبداللطيف نانگراج | 29 |



**سرڪيوليشن ۽ مواد لاءِ رابطي جي ايڊريس**
**حڪمت قرآن انسٽيٽيوٽ،**
6 سنڌي جماعت ڪو آپريٽو سوسائٽي، جوڳي موڙ بس اسٽاپ
نيشنل هاءِ وي ڪراچي 75030 فون: 021-35000278 موبائل: 03132707097
www.hikmatequran.org email: hikmatequran@gmail.com


الله تعاليٰ جي توحيد ۽ معرفت ۽ سنت رسول ﷺ جو پيغام پنهنجي چوڌاري انسانن تائين پهچائڻ جي لاءِ ماهوار توحيد ۽ اهڙن بين ڪتابن جي ڦهلاءَ ۾ پنهنجو ڀرپور ڪردار ادا ڪيو.



## حڪمتِ قرآن

اَمَّنۡ يُّجِيۡبُ الۡمُضۡطَرَّ اِذَا دَعَاهُ وَيَكۡشِفُ السُّوۡٓءَ (سوره النمل- ٦٢)

”ڪير اها ذات آهي، جيڪا پريشان حال ۽ بيقرار انسان جي سڏ ڪي ٻڌي ٿي ۽ قبول ڪري ٿي، ان جي تڪليف ۽ پريشاني ڪي هٽائي ٿي ڇڏي.“

عام طرح هر انسان دعائون گهرندو رهندو آهي، پنهنجي ترقي، واڌاري ۽ خوشحالي لاءِ خدا جي بارگاه ۾ عرض پيش ڪندو آهي. مگر هڪ ڪيفيت ان وقت هوندي آهي، جڏهن هو بہ انتها عاجزي ۽ انڪساري سان خدا جي حضور ۾ پهچندو آهي پوءِ پنهنجي پيشاني ذات قدوس جي آڏو جهڪائي ڇڏيندو آهي. ان وقت مٿس خوف ۽ اميد طاري ٿيل هوندي اٿس. ان وقت دعا جي لذت، سرور ۽ توجهہ جو هڪ نرالو اندازو آهي. پر ان ڪان بہ وڌيڪ دعا جي قبوليت جو منظر اها ڪيفيت آهي جڏهن ڪو شخص تڪليف، مصيبت، مشڪل ۽ درد ۾ ڦاسي وڃي ۽ اهڙي پريشاني جي حالت ۾ رب جي حضور ۾ دل سان دانهن ڪري، آهہ ۽ فرياد ڪري اڪين مان ڳوڙها نڪري اچن. پاڻ ڪي پنهنجي آقا جي قد من ۾ محسوس ڪري لاچاري ۽ بي وسي جي حال ۾ هٿڙا کڻي سائين ڪي سڏ ڪري تہ بس پوءِ قبوليت دعا ۾ لمحي جي دوري بہ نہ هوندي آهي.

مولانا عبيدالله سنڌي رحمة الله عليه سورت فاتحہ ۾ اياڪ نستعين جي تفسير ۾ لکيو آهي تہ ”انهيءَ لفظ سان اسان ڪي هيءَ تعليم ڏني وڃي ٿي تہ اسين پنهنجي ضرورتن جي پوري ڪرڻ لاءِ الله ڪان سواءِ ٻئي ڪنهن تي بہ ڀروسو نہ ڪريون چو تہ جيڪڏهن اسان ڪنهن ٻئي واسطي تي بہ ڀروسو رکيو تہ هو اسان ڪي پنهنجو غلام بڻائيندو ۽ اسان جي آزادي ڪسي وٺندو. وري جيئن تہ اسان جون ضرورتون بيشمار آهن. تيئن اسين انهن ضرورتن جا ڳيجهو بڻجي ڪنهن نہ ڪنهن لحاظ ڪان گهڻن ماڻهن جا غلام ٿي پونداسون ۽ اسانجي آزادي ڪسجي ويندي.

ان مان معلوم ٿيو تہ اسان جي علمن جو بنياد هيءَ ڳالهہ آهي تہ اسين پنهنجن حاجتن جي پوري ڪرڻ ۾ الله پاڪ ڪان سواءِ ٻئي ڪنهن تي ڀروسو نہ ڪريون تہ صرف انهيءَ صورت ۾ اسين پنهنجي آزادي برقرار رکي سگهنداسين.

> سوئي راهون رد ڪري، سوئي رهنماءَ
> وَتُعِزُّ مَنۡ تَشَآءُ وَتُذِلُّ مَنۡ تَشَآءُ
> (شاهه)

## حڪمتِ رسول صلي الله عليہ وسلم

مَنْ نَّفَس عَنْ مؤمن كُربةً من كُرَبِ الدُّنيا، نفَّس اللهُ عَنْهُ كُربةً مِنَ كُرَبِ يوم القيامةِ۔
الخ (صحيح مسلم)

جنهن شخص، مؤمن ڀانهي جي دنيا ۾ ڪابہ مصيبت، غم ۽ ڏک، درد ۽ تڪليف دور ڪئي، هٽائي ڇڏي تہ الله تعاليٰ ان جي بدلي ۾ قيامت جي ڏينهن، ان شخص جون مصيبتون ۽ تڪليفون هٽائي ڇڏيندو. جنهن شخص، ڪنهن بہ تنگ دست ۽ مصيبت ۾ ڦاٿل انسان جي تنگي ڪي دور ڪري، ان جي لاءِ سهولت ۽ آساني فراهم ڪئي تہ الله تعاليٰ ان شخص ڪي دنيا ۾ ۽ آخرت ۾ سهولتون ۽ آسانيون عطا ڪندو. جنهن شخص ڪنهن بہ مسلمان جي عيب ڪي ڍڪي ڇڏيو تہ الله تعاليٰ ان جي عيبن جي دنيا ۾ بہ ۽ آخرت ۾ بہ پرده پوشي ڪندو. الله تعاليٰ هميشہ انهيءَ ڀانهي جي مدد (۽ غيب مان ان جي خوشحالي جو انتظام) ڪندو رهندو آهي جيستائين اهو ڀانهو ٻين انسانن جي مدد ڪرڻ ۽ انهن ڪي خوش رکڻ جي ڪم ۾ مشغول رهندو آهي.

انسانن جي خدمت، انهن جي سارسنڀال لهڻ، انهن جي مدد ۽ خيرگيري ڪرڻ، انهن جي تڪليفن ۽ مصيبتن ڪي هٽائڻ، انهن جي دردن ۽ اهنجن ڪي دور ڪرڻ، خدا تعاليٰ جي رضامندي ۽ ان جي قرب حاصل ڪرڻ جو اهم ذريعو آهي. اهي سڀ شيون ”حقوق العباد“ ۾ شامل آهن. حقيقت ۾ اهي حقوق العباد بہ حقوق الله جي درجي تي آهن جو انهن جو حڪم ۽ مشيت بہ الله تعاليٰ پاران آهي. وڌيڪ فرمايو اسان جي پاڪ پيغمبر ﷺ۔ من استعاذکم بالله الخ۔ جيڪو الله جي نالي تي پناھ گهري تہ ان ڪي پناھ ڏيو جيڪو الله جي نالي سوال ڪري تہ ان ڪي ڪجھ نہ ڪجھ ڏيو. (انڪار نہ ڪريو نہ معافي وٺو.) جيڪو مصيبت ۾ اوهان ڪي سڏي تہ ان جي دستگيري ڪريو. جيڪو توهان سان ڇڱائي ڪري تہ ان جو سنو بدلو ڏيو. جيڪڏهن بدلي ڏيڻ جي ڪابہ شيءِ نہ هجي تہ ان لاءِ احسان ڪريو دعائن سان، اخلاق سان پيش اچڻ سان ۽ نرم دلي سان تان تہ هو سمجهي تہ چڻ اوهان بدلو ڏنو. (مسند احمد، سنن نسائي).

اسلام جي علم ڪان اڻ ڄاڻ آهن اهي ماڻهو اسلام جي روح ڪان بي خبر آهن اهي شخص، جيڪي فقط ۽ فقط نفلي عبادتن ۽ چند ظاهري رسمن ۾ ڦاٿل آهن ۽ خدا جي مخلوق جي فلاح ۽ خوشحالي لاءِ پاڻ ڪي ۽ پنهنجي دولت ڪي استعمال نٿا ڪن. ”من اصبح ولم يهتم بامور المسلمين فليس مِنا“ فرمايو ڪائنات جي رهبر ﷺ، جيڪو شخص صبح جو اٿيو ۽ سارو ڏينهن مسلمانن جي فلاح ۽ اجتماعيت لاءِ ڪوبہ عمل نہ ڪيائين تہ اهو شخص امت مسلمہ مان هرگز ناهي.



## حضرت روضي ڌڻي رحمة الله عليه فرمايو...

### الله جَلَّ جَلَالُهُ

الله تعاليٰ جيڪو عبادت جو مستحق آهي، هي ان جو ذاتي نالو آهي، جڏهن تہ سندس ٻيا سمورا نالا صفاتي آهن. حقيقت واري واٽ جي پانڌيئڙن وٽ ”الله“ ان موجود پاڪ ذات جو نالو آهي، جيڪا الوهيت (الله هئڻ) جي سمورين صفتن سان سينگاريل آهي، ۽ اهائي ذات پنهنجو حقيقي وجود رکي ٿي، ۽ ان يڪتا (هڪ ئي) ذات ڪان سواءِ هر موجود شيءِ پنهنجي ڪابہ ذاتي حيثيت نہ ٿي رکي. باقي هن ڪائنات ۾ هر چيز ڪي جيڪا حيثيت يا وجود حاصل آهي، اهو فقط خالصِ ڪائنات سان نسبت ۽ تعلق جي آذار آهي ۽ ان بنياد تحت آهي تہ ان شيءِ جو رخ پنهنجي خالق ڏانهن رهيو آهي، اهڙو ئي اشارو هن آيت مبارڪ مان ملي ٿو: أَعُوذُ بِاللهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ :كُلُّ شَىۡءٍ هَالِكٌ اِلَّا وَجۡهَهٗ (القصص 88) يعني تہ هر شيءِ ڪي فنا آهي، مگر ان جو طرف. يعني ان جي نسبت ۽ تعلق ڪي بقا آهي، اهو هميشہ قائم رهندو باقي ٻيون سموريون نسبتون ۽ تعلق ختم ٿيندڙ آهن. تنهن ڪري اهو چوڻ بلڪل درست آهي تہ: لَا مَوۡجُودَ فِي الۡحَقِيۡقَةِ وَبِالذَّاتِ اِلّاالله يعني حقيقت ۾ ۽ ذاتي طور تي الله تعاليٰ ڪان سواءِ ٻي ڪنهن شيءِ جو وجود آهي ئي ڪونہ.

الله تعاليٰ ان واجب الوجود پاڪ ذات جو مخصوص نالو آهي، جيڪو صحيح معنيٰ ۾ عبادت جي لائق آهي. جڏهن تہ لفظ ”لااله“ جي معنيٰ آهي معبود، پوءِ اهو سچو هجي يا ڪوڙو اهو لفظ انهن ٻنهي لاءِ استعمال ٿيندو آهي. اسم ”الله“ جي مفهوم ۾ الله تعاليٰ جي سمورين صفتن جي معنيٰ موجود آهي، جڏهن تہ ٻين مبارڪ نالن جي نسبت باري تعاليٰ جي بيشمار صفتن مان ڪنهن هڪ صفت ڏانهن ئي آهي ۽ هي اسم مبارڪ الله تعاليٰ ڪان سواءِ ٻي ڪنهن لاءِ بہ استعمال نٿو ڪري سگهجي، نہ حقيقي طور ۽ نہ ئي وري مجازي طور. باقي سندس ٻيا صفاتي نالا ٻين لاءِ بہ استعمال ٿي سگهن ٿا، پوءِ ڪٿي اهي مجازي طرح ئي چو نہ هجن. ان مان اها ڄاڻ ملي ٿي، تہ ان مالڪ الملڪ جي بابرڪت نالن منجهان ”الله“ وارو نالو ٻين سمورن ڪان مٿانهون آهي، جنهن ڪي ”اسم اعظم“ چئجي ٿو. جڏهن تہ ٻين اسمن ڪي ”اسماء الله“ چيو ويندو آهي. اهڙيءَ ريت سندس ٻين سمورن صفاتي اسمن جي معنائن ڪي مجازي طور ڪنهن ڀانهي سان منسوب ڪري سگهجي ٿو پر ”الله“ واري اسم مبارڪ ڪي صرف ”تعلق“ لاءِ ئي استعمال ڪيو ويندو ۽ نہ ”تخلق“ لاءِ يعني هن اسم سان ڀانهو پنهنجو تعلق تہ قائم ڪري سگهندو پر ان جي معنيٰ سان موصوف ٿي نہ سگهندو جهڙيءَ ريت ٻين اسمن سان موصوف ٿئي ٿو.

## امام عبيدالله سنڌي رحمة الله عليه فرمايو....

”سنت“ هن ڳالهه کي لازم قرار ڏنو آهي تہ جڏهن شريعت جو حڪم صحيح طرح معلوم ٿي وڃي تہ ان حڪم جي فرمانبرداريءَ کي مصحلت شناسيءَ تي ڇڏڻ نہ گهرجي، ڇاڪاڻ تہ گهڻن ماڻهن جو عقل کوڙسارين مصلحتن سمجهڻ ۽ سڃاڻڻ ۾ صحيح ڪم نہ ڪري سگهندو آهي. ان ڪري بہ تہ حضور ڪريم صلى الله عليه وسلم جن جي سمجهہ اسان جي سيني عقلن کان وڌيڪ پروسي جوڳي آهي. اهوئي سبب آهي جو هيءُ علم خاص قسم جي صلاحيتن وارن ماڻهن کان سواءِ ٻين عام ماڻهن کان ڍڪيل ڇپيل رهيو آهي. هن علم ۾ راءِ رکڻ واري عالم لاءِ اهي ساڳيا شرط آهن جيڪي ”ڪتاب الله“ جي تفسير لاءِ ضروري آهن. نبين ۽ انهن جي مڪمل پيروڪارن جي رستي کان الڳ ۽ ڌار رستو اختيار ڪري، خالص عقل جي بنياد تي قاعدا جوڙڻ هن علم ۾ جائز ناهي.

شريعت جا حڪم سمجهڻ ۾ هي مثال وڌيڪ صحيح ٿيندو تہ هڪ سردار جا نوڪر بيمار ٿيا. سردار پنهنجي خاص داڪترن مان هڪ قابل ڊاڪٽر کي پورو اختيار ڏيئي. انهن بيمارن لاءِ مقرر ڪيو تہ اهو انهن کي دوا ڏئي، ان صورت ۾ جيڪڏهن نوڪرن، ان ڊاڪٽر جي فرمانبرداري ڪئي تہ ائين چئبو تہ انهن پنهنجي سردار جي فرمانبرداري ڪئي، جنهن تي سردار يقيناً انهن تي راضي ٿيندو ڪين سنا انعام ڏيندو ۽ هو بيماري کان بہ شفاياب ٿي ويندا. پر اهي نوڪر، جيڪڏهن انهيءَ ڊاڪٽر جي نافرماني ڪندا تہ حقيقت ۾ اها سندن سردار جي نافرماني ٿيندي، جنهن ڪري سردار انهن تي ناراض ٿيندو. انهن کي سزا بہ ڏيندو ۽ گڏوگڏ بيماري جي تڪليف بہ سهڻي پوندن. (مَنْ يَّطِعِ الرَّسولَ فقدْ اَطَاعَ الله) هن علم بابت بحث ڪرڻ، راءِ قائم ڪرڻ يا ڪم ڪرڻ لاءِ ضروري آهي تہ ماڻهو سمورن شرعي علمن جو ماهر هجي، سمورن الاهي علمن ۾ مستقل راءِ قائم ڪرڻ جي اهليت رکندو هجي. ان سان گڏوگڏ اهو بہ ضروري آهي تہ ان جي دل ۽ دماغ ايترو ڪليل هجي جو اهو ماڻهو خدا وٽان الهامي طور ملندڙ خيالن کي بہ اخذ ڪري سگهي. ان لاءِ سالم طبيعت هئڻ ۽ ڳالهہ نهايت تيزيءَ سان ڪئچ (Catch) ڪرڻ، سمجهڻ ۽ پروڙڻ جي صلاحيت هئڻ بہ لازمي آهي. تقرير ڪرڻ توڙي لکڻ جو ماهر هئڻ بہ ضروري آهي. ان کي اها بہ ڄاڻ هجي تہ اصول ڪيئن ثابا آهن ۽ انهن تي فروع (بائيلاز) ڪيئن جوڙيا آهن. اهو بہ ڄاڻڻ ضروري آهي تہ قاعدن ۽ قانونن ٺاهڻ لاءِ ڪهڙي قسم جون تمهيدون ٻڌبيون آهن ۽ انهن لاءِ عقلي توڙي نقلي دليل ڪيئن پيش ڪبا آهن.

(شرح حجة الله البالغہ)



## امام حماد الله هاليجوي رحمة الله عليه فرمايو....

حضور ڪريم صلى الله عليه وسلم جن جي زماني ۾ هڪ شخص پوڙهو هو، ان کي هڪ پٽ هو، انهيءَ اسلام قبول ڪيو ۽ مسلمانن جي جماعت ۾ شامل ٿي ويو. ان پوڙهي کي ڏاڍي ڪاوڙ لڳي، چوڻ لڳو تہ هن محمد (صلى الله عليه وسلم) اڇي فساد وڌو آهي. اسان جي ڇوڪرن کي خراب ڪيو اٿس، قريشن وٽ آيو انهن کي چيائين تہ هن شخص کي سمجهايو تہ اسان جي اولاد کي اسان کان جدا ڪري ڇڏيو آهي، قريشن جواب ڏنس تہ تون پاڻ وڃي ان کي سمجهاءِ. پوءِ اهو پوڙهو حضور ڪريم صلى الله عليه وسلم جن وٽ آيو، چوڻ لڳو:

انت الذي تسبت آلهتنا؟

اهو تون شخص آهين جيڪو اسان جي معبودن کي بدشد ڳالهائيندو آهين ۽ اسان جي وڏن کي گمراه چوندو آهين.

ان پوڙهي جو پٽ بہ ان مجلس ۾ ويٺو هو ان جون اکيون ڳاڙهيون ٿي ويون، رت ٽچڪڻ لڳس، ارادو ڪيائين تہ هن کي قتل ڪريان، هي ڇا ٿو ڳالهائي حضور ڪريم صلى الله عليه وسلم جن سان بي ادبي ٿو ڪري ۽ گهٽ وڌ ٿو چوي.
حضور ڪريم صلى الله عليه وسلم جن ان پوڙهي کان پڇيو.

کُم آلهة تعبدها

”ڪيترن معبودن جي عبادت ڪندو آهين“
هن جواب ڏنو، ”لِی سبعة فی الارض و واحدُ فی السماء“
”ست معبود زمين تي آهن ۽ هڪ آسمان ۾ آهي.“
حضور ڪريم صلى الله عليه وسلم کيس چيو تہ: ”الم يكفك الذی من السماء من الارض“
”ڇا اهو هڪ آسمان وارو تولاءِ ڪافي نہ آهي زمين وارن کان“
اهو پوڙهو سوچ ۾ پئجي ويو، سوچيندي سوچيندي چيائين،

”اشهد ان لآ اله الا الله و اشهد ان محمد رسول الله“

اهو پٽ جيڪو مجلس ۾ ويٺو هو، خوشي وچان ٽپ ڏيئي اٿيو ۽ پيءُ کي ڀاڪر پاتائين ۽ چميون ڏيڻ لڳو. جڏهن پيءُ مشرڪ هيو، الله ۽ ان جي رسول صہ جو مخالف هيو تہ ان کي قتل ڪرڻ لاءِ تيار ٿي ويو پر جڏهن مسلمان ٿيو، الله ۽ رسول صہ جو فرمانبردار ٿيو تہ اهو معاملو. اها آهي ايمان جي تقاضا.

(تحفة السالڪين. 205)

ايڊيٽوريل
چيف ايڊيٽر

# مسلمان ۽ غلامي

خداپرست ۽ توحيد پرست مسلمان غلام نٿو ٿي سگهي، مسلمان لاءِ غلامي شرڪ جي برابر آهي. توحيد جو عقيدو انسان کي خدا تعاليٰ جو عبد ۽ بندو بڻائي ٿو. هاڻي پوري حياتي ۾ هو ڪنهن جو به بندو ٿي نٿو سگهي. خدا سندس اڪيلو مالڪ ۽ معبود ۽ هي ان جو ئي فقط بندو. بندگي ڪوڙن ۽ جڙتو معبودن جي به ڪئي ويندي آهي. جيئن دنيا ۾ گهڻن مذهبن جي پيروڪارن، ڪيئي بت ۽ مورتيون، انسانن جي حوالي سان جوڙيو، انهن ڏانهن منسوب ڪري انهن کي پوڄيندا ٿا رهن، ڪن وري ڪن شين کي مقدس بڻائي انهن جي پوڄا پاٺ ۾ رڌل رهن ٿا. پر تاريخ جي ڏِگهي دور ۾ حڪمرانن، بادشاهن، دنيا جي وسيلن تي زوري قابض ٿيندڙ دولت مندن ۽ سردارن، فوجن ۽ ان جي سياسي قوت هيٺ پلندڙ دلالن، عوام جون گردنون پنهنجي آڏو نوايون آهن ۽ ڪيترن "اَنَا رَبُّکُمُ الْاَعْلٰی"جا نعرا هڻي انسانن کي پنهنجي جهڪائڻ تي هر دور ۾ مجبور ڪيو آهي. خدا جي پيغمبرن جعلي خدائن جي خدائي کي هر دور ۾ چئلنج ڪيو ۽ انسانن جي ڳچين مان غلامي جا طوق ڪڍي ڦٽا ڪيا، انهن کي آزادي جي نعمت سان نوازيو. (آيت سورت الاعراف 157) حضور ڪريم ﷺ جن اسلام جي جيڪا چٽي تعليم ڏني ۽ انسانن کي، انسانن جي غلامي مان نجات ڏياري هڪ خدا جي بندگي ۾ ڪنيو ڪيو. روح المعاني ۾ نبوت جي مقصد جي هن طرح وضاحت ڪئي وئي آهي ته،

"اخراج الناس من عبادة الناس الیٰ عبادة الله"

"دنيا جي انسانن کي انسانن جي عبادت (غلامي) مان ڪڍي فقط الله جي عبادت يعني الله جي غلامي ۾ آڻڻ."

افسوس ته امت مسلم، اسلام، قرآن ۽ توحيد کان انحراف (منهن موڙي) ڪري ڪفر (خدا جي نافرماني) ۽ شرڪ (غيرالله جي غلامي) ۾ غوطا کائي رهي آهي. امت جي حالت هن وقت اها آهي ته سندس حڪمران عام طرح عالمي ڪفر جا تابعدار بڻجي ويا آهن. پيداواري وسيلا، انهن کي قبضي ۾ ڏيئي ڇڏيا آهن، عرب ملڪن جي تيل تي آمريڪا جو اختيار هلي ٿو. عالمي ڪفر جي صنعت جي پيداواري کپت مسلم ملڪن جون منڊيون آهن. پاڪستان جهڙا ملڪ پينو بڻجي انهن جي در جا سوالي هوندا آهن. هميشه انهن جا مقروض



رهندا آهن. هر سال بجيٽ جو وڏو حصو انهن قرضن جي وياج ۾ واپس ڪندا آهن. عالمي بئنڪن کان قرض وٺي، انهن جي شرطن جي پوئواري ۾ ملڪ جي عوام تي مهانگائي مڙهي، ڪين پنهنجو پاڻ کي مارڻ (خودڪشيون ڪرڻ) تي مجبور ڪندا آهن. وڏو الميو ته اهو آهي ته ٻاهرين ملڪن کان قرض وٺي، اسان جا حڪمران اهي ڪروڙين ۽ اربين ڊالر پاڻ هڙپ ڪري ڇڏيندا آهن، اهي رقمون وري واپس غيرملڪي بئنڪن ۾ جمع ڪرائي ڇڏيندا آهن. پوءِ سال به سال اهڙيون هڙپ ٿيل رقمون معاف به ڪرائي ڇڏيندا آهن. جنرل پرويز مشرف پنهنجي آخر منحوس دور ۾ اهڙو معاهدو، ملڪ جي اهم سياستدانن بي نظير پٽو سان ڪيو. جنهن هيٺ هُن ڏوهاري سياستدانن، ڪامورن، صنعتڪارن ۽ مراعات يافته طبقي جي لٽيرن جا ڪربين رپيا معاف ڪري ڇڏيا. هاڻي ان تي وٺ پڪڙ هلي رهي آهي. ٻي طرف مذهبي ٺيڪيدارن، فرقي باز مُلن، شرڪ ۽ بدعتن کي رواج ڏيندڙ يهودي صفت ٽڳن، مسلم امت کي وهم پرستي جي انڌيرن ۽ طاغوت جي غلامي ۾ مبتلا ڪري، ڪين بيڪار، بي جان ۽ معطل ڪري ڇڏيو آهي. دانشور ۽ وچولو طبقو به اڄوڪي ماده پرستي ۽ حُبّ دنيا جي ماحول کان گهڻو متاثر ٿي چڪو آهي، ان ڪري جذبو، حوصلو، همٿ ۽ قرباني وارا "قدر" گهٽبا پيا وڃن. انهن سڀني سببن گڏجي سڏجي غلامي تي راضي رهڻ ۽ قناعت ڪرڻ وارو مرض پيدا ڪيو آهي. جيڪو قومن لاءِ هلاڪت جي حيثيت رکي ٿو. مگر ان مرض جو علاج به اهو آهي ته قرآن مجيد جي ڏنل تعليم "توحيد" جو شعور حاصل ڪيو وڃي. غلامي کي شرڪ سمجهندي، ان لعنت مان نڪرڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪئي وڃي، آزادي حاصل ڪرڻ، آزاد ٿي رهڻ ۽ آزادي وارو معاشرو قائم ڪرڻ بنيادي نصب العين هئڻ گهرجي، غلام معاشرو خداپرست معاشرو نٿو ٿي سگهي. اهڙي طرح غلامي ۾ جڪڙيل انسان موحد ٻانهون نٿو ٿي سگهي.

❋❋❋❋❋❋

## قرآن جا پاتي

قرآن چوي ٿو ته سڀئي انسان دراصل هڪ ڪٽنب جا پاتي آهن. انسانيت انهن جو نسل ۽ زمين سندن وطن آهي. تنهنڪري ان جو هر فرد اهو حق رکي ٿو ته، پنهنجي پنهنجي حالت ۽ لياقت مطابق آمدني جا ذريعا حاصل ڪري پر هن کي اهو حق ناهي ته پنهنجي ڪمائي صرف پاڻ لاءِ مخصوص ڪري ۽ پنهنجي ڪمزور پاءُ لاءِ ڪجهه نه ڪڍي. ڪمائين سڀئي عليحده ۽ قبضي ۾ به سڀ جدا هوندا، پر ڪائڻ ۾ عليحده نٿا رهي سگهن. خدا جي هن عالمگير ڪٽنب جي هر پاتيءَ جو قدرتي حق آهي ته هو ڪمائي سگهي يا نه، پر هن کي جيئرو رهڻ جو سامان ملڻ گهرجي.

(امام الهند مولانا ابوالڪلام آزاد ڪتاب صدين جون صدائون ص66)

نثار احمد پناڻ سکر

# شرڪ ۽ وڏائي

قرآن حڪيم ۾ صاف لفظن ۾ فرمايو ويو آهي:

اِنَّ اللّٰهَ لَا يَغۡفِرُ اَنۡ يُّشۡرَكَ بِهٖ وَيَغۡفِرُ مَا دُوۡنَ ذٰلِكَ لِمَنۡ يَّشَآءُ ۚ وَمَنۡ يُّشۡرِكۡ بِاللّٰهِ فَقَدِ افۡتَرٰۤى اِثۡمًا عَظِيۡمًا ﴿۴۸﴾ (النساءِ 48)

بي شڪ الله ان کي نہ بخشيندو، جنهن ان سان ڪنهن کي شريڪ قرار ڏنو. ان کان سواءِ جنهن کي چاهيندو بخش ڇڏيندو ۽ جو شخص الله سان ڪنهن کي شريڪ ڪري ٿو. اهو وڏي جرم جو مرتڪب ٿيو.

عن عبدالله بن مسعود عن النبی ﷺ قال۔ لایدخل الجنة من کان فی قلبه مثقال ذرة من کبر۔ قیل وما الکبر قال۔ الکبر بطر الحق وغمط الناس (مسلم)

حضرت عبدالله بن مسعود کان روايت آهي تہ نبي ڪريم جن فرمايو تہ جنت ۾ اهو شخص داخل نہ ٿي سگهندو جنهن جي دل ۾ ذري برابر بہ وڏائي هوندي، چيائون وڏائي ڇا آهي. فرمايائون حق کي نظرانداز ڪرڻ ۽ ماڻهن کي حقير سمجهڻ (مسلم)

هن دنيا ۾ سڀ کان وڏي ڪريائتي ڳالهہ اها اهي تہ خدا کان سواءِ ٻي ڪنهن کي وڏو سمجهجي، اهوئي خدا وٽ وڏو ڏوهہ آهي. ماڻهو جيڪڏهن پنهنجو پاڻ کي وڏو سمجهي تہ اها وڏائي اهي ۽ جيڪڏهن خدا کان سواءِ ٻئي کي وڏو سمجهي تہ اهو شرڪ آهي.

خدا جي معرفت خدا کان سواءِ سڀني جي عظمتن کي توڙي جو هو پاڻ کي بہ عظيم سمجهندو هجي، ڍاهي ڇڏي ٿي. ٻين کي عظيم سمجهڻ شرڪ ۽ پاڻ کي عظيم سمجهڻ وڏائي آهي.

موجوده دنيا، امتحان جي دنيا آهي، ان لاءِ هتي جو هر قسم جي ماڻهن کي رهڻ جو موقعو ڏنو ويو آهي. مگر آخرت واري دنيا ئي آئيڊيل دنيا آهي. اتي صرف انهن کي بلند رتبو ملندو، جن موجوده آزمائشي دنيا ۾ اهو ثبوت ڏنو هجي تہ هو سچ ۽ حقيقت واري سطح تي جيئڻ جي صلاحيت رکن ٿا. وڏائي ۽ شرڪ جي سطح تي جيئڻ، غيرحقيقي سطح تي جيئڻ مترادف آهي، ان ڪري جيڪي هن دنيا ۾ وڏائي ۽ شرڪ سان گذارين ٿا. اهي آخرت جي دنيا ۾ سراسر نااهل قرار ڏنا ويندا.

جنت انهن اعليٰ انسانن لاءِ آهي، جيڪي خدا جي وڏائي، وارثي ۽ مشڪلڪشائي ۾ جيئن ٿا، جهنم انهن پست ماڻهن جي جاءِ آهي جيڪي غيرالله جي وڏائي ۾ وارثي ۽ مشڪلڪشائي ۾ جيئن ٿا. چاهي اهڙو جيئڻ خود پنهنجي وڏائي جي احساس ۾ ئي ڇو نہ هجي يا ٻين جي وڏائي جي گمان ۾.



نديم احمد سولنگي

# مال خرچ ڪرڻ بابت قرآن جا حڪم

تو کان پڇن ٿا تہ حق جي واٽ تي ڇا خرچ ڪيون؟ انهن کي چؤ تہ جيڪي توهان جي ضرورتن کان وڌيڪ هجي سو خرچ ڪيو، ڏسو تہ الله تعاليٰ پنهنجا حڪم ۽ قانون چٽا ڪري ٿو ٻڌائي تان تہ اوهان غور فڪر ڪريو. (تہ ڪيئن اوهان پاڻ ضرورت کان وڌيڪ خرچ ڪرڻ جي مقام کي حاصل ڪري دنيا توڙي آخرت جون سعادتون حاصل ڪري سگهو ٿا.) (بقره 219)

❋❋

دردناڪ عذاب جي انهيءَ ڏينهن جي آگاهي ڏئي ڇڏي، جڏهن انهن جو گڏ ڪيل سون چانديءَ جو ڍير باهہ ۾ تپايو ويندو ۽ ان سان سندن مٿا، پاسا ۽ پٺيون ڏنيون وينديون ۽ ان وقت کين چيو ويندو تہ هي آهي اهو خزانو جيڪو توهان پنهنجي لاءِ گڏ ڪري رکيو هو، تنهن جو مزو اچ چکي وٺو. (توبہ 9)

❋❋

بيشڪ الله تعاليٰ مومنن کان سندن جانيون ۽ مال ملڪيتون خريد ڪري ورتيون آهن، انهيءَ معاهدي سان خريد ڪيون آهن تہ انهن مومنن کي جنت جي دائمي زندگيءَ جي ضمانت آهي. (ان صورت ۾ جان توڙي مال امانت آهي جيڪا ان جي حڪمن مطابق صرف ٽيٽڻي آهي) مومن ڪنهن دنيائي مقصد لاءِ نہ پر الله جي راهہ ۾ جنگ ڪن ٿا، پوءِ قتل بہ ڪن ٿا ۽ قتل بہ ٿين ٿا. اهو معاهدو ڪا نئين ڳالهہ ڪانهي. اهو پوين آسماني ڪتابن تورات ۽ انجيل ۾ اعلان ڪيل هو ۽ هاڻي قرآن ۾ بہ ورجايو ويو آهي. انهيءَ عهد کي پورو ڪرڻ الله پنهنجي ذمي رکيو آهي. ۽ الله کان وڌيڪ ڪير آهي جيڪو پنهنجو واعدو ٺيڪ طرح پورو ڪرڻ وارو هجي، پوءِ (اي مسلمانو) پنهنجي هن سودي تي جيڪو توهان الله سان ڪيو آهي خوشيون ڪيو ۽ اهائي وڏي ۾ وڏي فتح ۽ ڪامراني آهي.(توبہ 111)

❋❋

جيڪي فرمانبردار آهن. اهي ماڻهو جيڪي پنهنجي انفرادي مفاد جي پٺيان هلڻ جي بجاءِ ان جي فرمانبرداري تي لازمي ۽ دائمي طرح هلن ٿا. اهڙي طرح اهي پنهنجي تنگ دليءَ کي وڏ وڙائي سان بدلائي انهيءَ حقيقت کي سمجهي وٺن ٿا تہ سندن مال صرف انهن جي انفرادي مفاد جي لاءِ ناهي. بلڪ انهيءَ ۾ انهن ماڻهن، جن جون ضرورتون سندن ڪمائيءَ مان پوريون نہ ٿيون ٿين يا جيڪي ڪمائڻ جي لائق نہ رهي پنهنجي ضروريات زندگيءَ کان محروم ٿا رهن، تن جو حق آهي. سي ئي ماڻهو آهن جيڪي بدلي ملڻ واري ڏينهن تي پڪو يقين رکن ٿا ۽ پنهنجي عمل سان ان جي

تصديق ٿا ڪن ۽ انهيءَ اصول جي خلاف ورزيءَ جي نهوڙيندڙ نتيجن کان هميشه خوف ۾ ٿا رهن. (معارج 22_27)

**

۽ الله تعاليٰ اوهان مان هڪڙن کي ٻين کان رزق جي باري ۾ بهتري ڏني آهي (جو ڪي وڌيڪ ڪمائن ٿا ۽ ڪي گهٽ) پوءِ ائين ڇو نه ٿو ٿئي جو جنهن کي زياده رزق ڏنو ويو آهي سو پنهنجو رزق پنهنجي زيردستن کي ڏئي ڇڏي، حالانڪ سڀ ان ۾ هڪجهڙا حقدار آهن. پوءِ ڇا هي ماڻهو الله جي نعمتن کان پڌرا منڪر ٿي رهيا آهن.؟ (نحل 71)

**

زمين تي هلڻ وارو ڪوبه ساهوارو ڪونهي، جنهن جي روزيءَ جو انتظام الله تي نه هجي. انهيءَ ڪري جو هو ڄاڻي ٿو ته ڪنهن به ساهواري جي ڪنهن به هڪ منزل تي رسڻ ۽ وري وڌي اڳئين منزل تي رسڻ (لاءِ اوسر جي ڪهڙي سامان جي ضرورت پوندي) هي سڀ ڪجهه الله جي مشيت واري ڪتاب ۾ درج آهي. (انهيءَ ڪري الله جي مشيت کي پورو ڪرڻ وارو نظام به اهوئي ٿي سگهي ٿو جنهن ۾ ڪوبه ساهوارو رزق کان محروم نه هجي.) (هود 6)

**

هي اسانجو واعدو آهي مومنن جي ان جماعت سان جيڪي اسان جي قانونن مطابق عملي زندگي گذاريندا ته ضرور انهن کي بلندين ۽ فراوانين جي اهڙي زندگي عطا ڪنداسين جنهن جي هيٺان نهرون وهندڙ هونديون ۽ اهي هميشه سدابهار رهندا. ڏسو ته اسان ڪم ڪندڙن کي سندن ڪم جو ڪيڏو نه پلو بدلو ٿا ڏيون. يعني انهن ماڻهن کي جيڪي ان پروگرام تي نهايت استقامت سان عمل پيرا رهن ٿا ۽ الله جي قانونن جي ٿوس هئڻ تي پورو ڀروسو رکن ٿا. (اهي ڪڏهن به ان ٻڌتر ۾ نٿا پون ته الله جي راهه ۾ نڪرڻ سان ڪاڏو ڪٿان ملندو ۽ پنهنجي محنت جي ڪمائي کي انسانذات جي ڀلائيءَ لاءِ عام ڪيون ته پاڻ ڪٿان ڪائينداسين.) ٿورو ڪائنات ۾ غور ڪيو ته ڪيترا ساهوارا آهن جيڪي پنهنجو رزق پنيءَ تي سٽي ڦرندا ٿا وتن؟ الله پنهنجي پالڻهاريءَ جي قانون هيٺ ڪين روزي رسائي ٿو ۽ اوهان کي به اهڙي طرح رزق ملندو ويندو. (عنڪبوت 58_60)

**

جڏهن ڪين چيو وڃي ٿو ته جيڪو رزق توهان کي الله کان مليو آهي ان کي حاجتمندن جون ضرورتون پوريون ڪرڻ لاءِ کليل رکو ته اهي الله جي پالڻهاريءَ واري نظام جا منڪر، ان نظام جي مڃيندڙن کي چون ٿا ته جيڪڏهن الله جي مرضي اهائي هئي ته رزق جي تقسيم ائين ٿئي جو دنيا ۾ ڪوبه بکيو نه رهي ته الله پاڻ ئي اهڙو انتظام ڇو نه ڪيو؟ ائين چئي ڪيڏي نه پڌري گمراهيءَ جي ڳالهه ٿا ڪن. (جو ائين ڪرڻ الله لاءِ نامڪن نه هو پر ان سان انسان اختيار ۽ ارادي جي شرف ۽ آزمائش کان محروم ٿي وڃي ها.) (يس 47)



**

۽ ياد رکو ته جيڪي توهان جا مائٽ آهن، جيڪي به مسڪين آهن ۽ جيڪي به بي سمر ۽ بي يار مسافر آهن انهن سڀني جو اوهان تي حق آهي ۽ انهن جو حق ادا ڪندا رهو ۽ مال دولت کي ائين اجايو عياشين ۽ ڏيکاءَ تي خرچ نه ڪيو جيئن بيجا لٽائڻ ٿيندو آهي. اجايو خرچ ڪندڙ (جيڪي بيجا طور عياشين ۽ ڏيکاءَ تي مال لٽائيندا آهن) شيطانن جا ڀائي بند آهن ۽ شيطان پنهنجي پروردگار جي نعمتن جو بي شڪرو آهي. (بني اسرائيل 26_27)

**

الله تعاليٰ جيڪو توکي هيترو رزق ۽ مال دولت ڏني آهي تنهن سان تون سخاوت ڪري آخرت جي گهر لاءِ تلاش ۽ طلب ڪر. ۽ دنيا ۾ تنهنجو (پنهنجي ضرورتن پورين ڪرڻ جو) جيڪو حصو آهي سو به نه وسار ۽ جيئن الله تعاليٰ توتي احسان ڪيو آهي تيئن تون به ماڻهن تي احسان ڪر. معاشري ۾ ناهموارين جو فساد نه مچاءِ. الله تعاليٰ اهڙن فساد مچائيندڙن کي پسند نه ٿو ڪري. (قارون جواب ۾ چيو ته) مون کي جو هيتري دولت ملي آهي سا يقيناً مون پنهنجي علم (عقل، هنر ۽ محنت) سان هٿ ڪئي آهي. ڪاش ڪيس اها خبر هجي ها ته الله تعاليٰ هن کان اڳي گهڻين ئي قومن کي (سندن سندن مهارت جي تڪبر ۽ ان جي نتيجي ۾ ناانصافين سببان) برباد ڪري ڇڪو آهي جيڪي طاقت ۾ قارون کان گهڻو وڌيڪ هئا ۽ مال دولت به گهڻو گڏ ڪيو هئائون. اهڙن مجرمن کي سندن ڏوهن سببان هڪدم ۽ بروقت باز پرس ڪونه ٿيندي آهي. (بلڪ انهن ڏوهن جو فطري نتيجو وقت سر نروار ٿيندو آهي.) (قصص 77_78)

**

۽ جڏهن انهن جي زندگي ٻيو پهلو بدلائي ٿي ۽ متن رزق جي تنگي ٿي وڃي ٿي ته اهي هي نٿا سوچن ته اهو سندن ڪهڙي غلط روش جو نتيجو آهي، هو رڙيون ٿا ڪن ته خدا اسان کي ناحق ذليل ۽ خوار ڪري ڇڏيو. ائين هرگز ڪونهي، الله ائين ئي بنا سبب جي ذليل خوار نه ڪندو آهي. توهان جو ائين ذليل ٿيڻ هن سببان آهي جو اوهان اهڙو معاشرو قائم ڪري رکيو هو جنهن ۾ يتيمن ۽ بيواهن جي عزت ۽ خبرگيري ڪونه ٿيندي هئي. محروم ۽ مسڪين ماڻهن جي ضرورتن ۽ کاڌي پيتي جي مدد نه ٿيندي هئي ۽ نه ٻين کي ان جي ترغيب ڏئي اهڙو ماحول پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي هئي. ان جي ابتڙ توهان وراثت جو مال به سوري پوري اٽڪلن سان ڪائي پئي ويؤ ۽ دولت سان ايتري قدر محبت پئي ڪئي جو چاهيو پئي ته سڀ مال توهان وٽ اچي ڪٺو ٿي وڃي. (انهيءَ قسم جو نظام هميشه قائم نٿو رهي سگهي، ڪين ڇؤ ته اهو دور ايندو) جڏهن انهيءَ هيٺاهين مٿاهين کي سنوت ۾ آڻي معاشي همواريون پيدا ڪيون وينديون، تنهنجو پالڻهار سڀني ڪائناتي قوتن کي ترتيب سان سڄي جهان جي ماڻهن جي نشوونما لاءِ وقف ڪندو. (فجر 16_22)

**

نور احمد ميمڻ

# شيطان جا ساتي طبقا

الله تعاليٰ جي پاران ڏنل نيڪاليءَ کان پوءِ شيطان انسانن کي ٿيڙڻ جو جيڪو پهه پچايو هو ان وقت کان ئي ان ڪم کي لڳي ويو. پنهنجي ڪم کي سرانجام ڏيڻ جي لاءِ هُن به طريقا اختيار ڪيا. هڪ ته هن وسوسن ۽ جمالياتي فريب ڪاريءَ جي ذريعي انسانن کي گمراهه ڪرڻ شروع ڪيو ان ۾ هن انسا ن کي قدرت جي پاران نيڪي ۽ بديءَ جي راهه تي هلڻ جي خوداختياري حق جو فائدو وٺي انسان کي بديءَ جي واٽ تي هلڻ لاءِ سندس نفس اماره کي هرڪايو.

نفس اماره هي آهي ته خواهشن، لونجهه ۽ جذبات جي ڊوڙ ۾ انسان جا پنهنجا غلط فيصلا ڪيس غلط رستا اختيار ڪرڻ لاءِ اپاريندا آهن ۽ شيطان موقعوڏسي وجهه وٺي ڪيس وسوسن، هرڪائڻ ۽ جمالياتي فريب ڪاريءَ سان انهن غلط فيصلن تي هلڻ جي ترغيب ۽ هُشي ڏيندو رهندو آهي. ان جي ٻي حالت نفس لوامه آهي، هي انساني شخصيت جي اها ڪيفيت آهي جنهن ۾ منجهس نيڪي ۽ بديءَ جي چڪتاڻ بيدار ٿي پوندي آهي، پهريائين انسان هڪ غلط فيصلو ڪري ويهندو آهي، جڏهن ڪيس انهيءَ جو احساس ٿيندو آهي ته هو پنهنجي ڪئي تي نادم ٿيندو آهي ۽ هو شيطان ۽ ان جي وسوسي ۽ ان جي ساٿين جي هُشيءَ ڏانهن متوجه ٿيڻ تي پاڻ کي ملامت ڪندو آهي ۽ آئنده واسطي انهن جي مقابلي لاءِ تيار ٿي ويهندو آهي. اهو ندامت جو احساس به انسان جي خوبي آهي، حيوان انهيءَ احساس ۽ جذبي کان محروم هوندا آهن. جڏهن نيڪي ۽ بديءَ جي انهيءَ چڪتاڻ ۾ نيڪيءَ جي قوت بديءَ جي مٿان حاوي ٿي وڃي ته ڪيس انهيءَ چڪتاڻ کان نجات ملي پوندي آهي. قرآن حڪيم انهيءَ کي نفس مطمئنه جو نالو ڏنو آهي. موجود دور ۾ انهيءَ کي متوازن شخصيت (Balanced personality) چئجي ٿو. انهيءَ جي ڪري متوازن شخصيت يا نفس مطمئنه واري ماڻهوءَ کي ڪوبه اندروني وسوسو يا باطل قوتن جو ٻاهريون وسوسو، يا نظر نه ايندڙ شيطان جي جمالياتي فريب ڪاري (شين کي خوبصورت ۽ فائدي وارو ڪري ڏيکارڻ) يا نظر ايندڙ شيطاني قوتن جي لالچ ۽ مفاد ڪوبه اثر غالب پئجي نه سگهندو آهي. انهيءَ ڪري جو ان کي پنهنجي خالق جي ڏسيل هدايت مطابق هي پڪو يقين هوندو آهي ته سندس ڪم ۽ جذبا سندس خالق جي تخليقي مقصدن جي مطابق سرانجام ٿي رهيا آهن. اها الله جي رضا ۽ حڪمت



تي هلڻ واري زندگي آهي. اهڙي مطمئن نفس جي هي زندگي به اطمينان واري گذرندي آهي ۽ ابدي زندگيءَ ۾ سڏي ڪري ان کي چيو ويندو : اي مطمئن نفس وارا ماڻهو موٽي هل پنهنجي رب ڏانهن. خوش ٿي جو اهو توکان راضي آهي. پوءِ هليو وڃ منهنجي ٻانهن ۾ ۽ گهڙي پؤ منهنجي جنت ۾ (الفجر 28_30)

شيطان انسان کي گمراهه ڪرڻ جو ٻيو طريقو حزب الشيطان يعني پنهنجي شيطاني جماعت کان ڪم وٺڻ جو اختيار ڪندو آهي. جيڪي ان وانگر ئي الله جا ٻي چيا باغي ٻڙيل هوندا آهن. قرآن حڪيم انهن جو ڏس هن طرح سان ڏنو آهي:

اِسۡتَحۡوَذَ عَلَيۡهِمُ الشَّيۡطٰنُ فَاَنۡسٰهُمۡ ذِكۡرَ اللّٰهِ ؕ اُولٰٓئِكَ حِزۡبُ الشَّيۡطٰنِ ؕ اَلَاۤ اِنَّ حِزۡبَ الشَّيۡطٰنِ هُمُ الۡخٰسِرُوۡنَ ﴿۱۹﴾

ترجمو: شيطان (۽ ان جون سرڪش ۽ خود غرض قوتون) انهن جي مٿان مسلط ٿي ويون آهن، جنهن ڪري انهن الله جي اطاعت ۽ ان جي رشتي کي وساري ڇڏيو آهي. اِهي حزب الشيطان (يعني شيطان جي جماعت) آهن. پڪ ڄاڻو ته شيطان جي جماعت وارن جي لاءِ آخرڪار نقصان ۽ خسارو ئي آهي. (المجادله 19)

انهن شيطاني قوتن جي پاران انسان کي گهيري وٺڻ جو طريقئه واردات به قرآن هن طرح ٻڌايو آهي:

اِتَّخَذُوۡۤا اَيۡمَانَهُمۡ جُنَّةً فَصَدُّوۡا عَنۡ سَبِيۡلِ اللّٰهِ فَلَهُمۡ عَذَابٌ مُّهِيۡنٌ ﴿۱۶﴾ (آيت المجادله 16)

انهن پنهنجي (فريب ڪاريءَ جي ڪوڙي ڍونگ ۽) قسمن کي ڍال بڻائي ڇڏيو آهي جنهن جي آڙ ۾ اهي ماڻهن کي الله جي واٽ کان روڪين ٿا، انهيءَ ڪري مٿن ذلت وارو عذاب لازم ٿي ويو آهي.

شيطاني جماعت جا ماڻهو ماڻهن کي الله جي واٽ تي هلڻ کان روڪڻ لاءِ ڪهڙا ڪهڙا طريقا اختيار ڪن ٿا ان جو سڄو تفصيل به ماڻهن کي خبردار ڪرڻ لاءِ قرآن ۾ بيان ڪيل آهي. اهي شيطاني قوتون جدا جدا انفرادي حيثيت ۾ به اهو ڪم سرانجام ڏين ٿيون ۽ ادارن جي منظم شڪل ۾ به اهو ڪم سرانجام ڏين ٿيون. اهي چار ادارا آهن:

(1) فرعوني ادارو (2) هاماني ادارو (3) قاروني ادارو (4) آذري ادارو

**(1) فرعوني ادارو:**

هي ادارو آمريت ۽ سرڪشيءَ جي علامت آهي ۽ پاڻ کي حاصل اقتداري ۽ رياستي سگهه جي بنياد تي عوام کي غلامانه حيثيت ۾ رکڻ جو روادار هوندو آهي. الله تعاليٰ جي حاڪميت ۽ قانونن کي نه مڃيندو آهي، ان ڪري رعيت کي انهن

قانونن تي عمل ڪرڻ جو موقعو ئي نه ڏيندو آهي. ويتر پنهنجا آمرانا حڪم نافذ ڪري ماڻهن کي اطاعت لاءِ مجبور ڪندو آهي. ڪڏهن بظاهر مسلمان جي روپ ۾ قسم کائي ماڻهن کي هي تاثر ڏيڻ جي ڪوشش ۾ لڳو رهندو آهي ته هو دين جو محافظ آهي. ماڻهن ۽ ملت جو سڄڻ آهي ۽ حقن جو محافظ آهي، انهيءَ لاءِ ڪوڙ بدوڙ جا ماڻهن کي ڪيترائي ڀيرا نه ڏيکارڻ ۾ ڪامياب به ٿي ويندو آهي پر جيئن ته هو (1) صلواة (2) انفاق (3) معروف (4) منڪر جي سماجوادي نظام جو قيام پنهنجي استڪبار ۽ آمرانه غرضن ۾ رڪاوٽ سمجهندو آهي انهيءَ ڪري ظلم ۽ ڏاڍ تي آمريت جا چنبا مضبوط ڪري رکندو آهي. انهن چنبن مضبوط ڪرڻ ۾ ٻيون ٽي قوتون هاماني، قاروني ۽ آذري جماعتون سندس سهڪاري رهنديون آهن. ان جي نتيجي ۾ هڪ طرف عوام جي اڪثريت پنهنجي انساني حقن کان محروم رهجي ويندي آهي ته ٻئي طرف وري اها اڪثريت الله تعاليٰ جي حڪمن مطابق پنهنجي زندگي بسر ڪرڻ جي لائق نه رهندي آهي. انسان کي معاشي طورتي بدحال ڪري فقر ۽ فاقي سان ڪفر جي ڏٻڻ ۾ ڌڪيو ويندو آهي ۽ هر طرف کان سودي نظام جو گهيراءُ هوندو آهي.

(2) **هاماني ادارو:**

انهيءَ کي فرعون ۽ آمريتون پنهنجي تائيد، مدد ۽ خدمت لاءِ قائم ڪندو آهي، اهو ڪم موجوده دور ۾ حاڪمن جون دلال پارٽيون ۽ ايجنسيون ڪنديون آهن. انهيءَ اداري جي ذميدارين ۾ فرعوني حڪم قبول ڪرائڻ ۽ انهن تي عملدرآمد ڪرائڻ هوندو آهي. فرعوني حڪومت کي مضبوط بنائڻ خاطر رعيت کي بنيادي انساني حقن کان غافل ۽ محروم رکڻ خاطر تدبيرون ڪرڻ ۽ حڪمت عمليون جوڙڻ ۽ پروپئگنڊه جي ذريعي آمريت ۽ استڪبار کي ٽيڪو ڏيڻ، رباني سماجوادي نظام جي امڪانن کي ختم ڪرڻ ان جي سرگرمين ۾ شامل هوندو آهي. هن اداري جو سڀ کان وڏو ڪرشمو هي هوندو آهي ته اهو چئني شيطاني ادارن جي وچ ۾ خفيه رابطه ڪاري ڪندو آهي. ۽ انهن جي گڏيل سهڪار سان عوام جي ڀلائيءَ جا سگهارا قومي ادارا وجود ۾ اچڻ ئي نه ڏيندو آهي. جيڪڏهن ماڻهن ۾ اهڙي آرزو پيدا ٿي پوي ته ان صورت ۾ هو خطرناڪ منصوبا جوڙي اهڙين خواهشن جا ترا لڳائڻ جي ڪوشش ڪندو آهي. خلق خدا الله جي واٽ تي هلي پوي ۽ رباني معاشرو وجود ۾ آڻي سڀني انسانن کي برابريءَ جي بنياد تي وسيلن ۽ بنيادي حقن جو موقعو فراهم ڪري، هاماني ادارو اهڙن سڀني امڪانن کي ختم ڪرڻ جون رٿابنديون ڪندو آهي.



(3) **قاروني ادارو:**

هي جاگيردارن ۽ سرمائيدارن جو گروهه هوندو آهي، جيڪو هاماني اداري وانگر فرعوني حڪومت جو پاليل ۽ ان کي ٽيڪ ڏيندڙ هوندو آهي. پنهنجي چوڌاري ماڻهن کي محتاج ۽ غلام بڻائي رکڻ هن گروه جي ابليسي خصوصيت آهي. هن گروهه وارا ماڻهن جو استحصال ڪرڻ ۽ حق ڦٻائڻ جا ماهر هوندا آهن ۽ پنهنجي جاگيرن ۽ ماتحتيءَ ۾ رهندڙ هارين ۽ پورهيتن جي ٻارن جي تعليم ۽ تربيت جي بندوبست کان لنوائيندا آهن ته جيئن انهن ۾ ڪڏهن به تبديليءَ جو اُڀار ۽ سرگرمي پيدا نه ٿئي. نتيجي ۾ انهن جو جوان ٿي وڃڻ جي باوجود وڏو تعداد قرآن جي ٻڌايل زندگيءَ جي جمالياتي قدرن، معرفت ۽ حقيقت، علم ۽ ڏاهپ جي شعور ۽ برڪتن کان محروم رهجي ويندو آهي. ايستائين جو انهن کي پنهنجي انساني حقن جو شعور به نه رهندو آهي جو انهن جي حاصلات لاءِ ڪٽي جهد ۽ جاکوڙ ڪري سگهن. سندن ذهنيت غلاماڻي بڻجي پوندي آهي ۽ ان زندگيءَ تي قائم رهڻ جا عادي بڻجي پوندا آهن. دل جي دنيا جو شعور انهن وٽ نه رهندو آهي جو مذهبي پيشه ورن جي مٿان ايمان ۽ تقديس جو عقيدو رکڻ جي ڪري سندن دلين کي تالا لڳي ويندا آهن ۽ ذهنن جي مٿان پردا پئجي ويندا آهن. انصاف پسندي ۽ حق پرستي جي ديد، ذوق ۽ چاهت منجهائن ختم ٿي ويندي آهي. انهيءَ ڪري جيئن چڱي ۽ بڇڙي حالت، صورت ۽ رويي ۾ به فرق نه ڪري سگهندا آهن، تيئن گهڻو ڪري حق پرستيءَ جي مخالفت ۾ اُپا ۽ اڳرا نظر پيا ايندا، شرڪ جي بڇڙاين ۽ گمراهيءَ جي گهيرائن جي ڪري حق ۽ باطل ۽ سچ ۽ ڪوڙ ۾ فرق ڪرڻ کان محروم هوندا آهن.

قاروني طبقو جيئن ته پئسي تي پئسو ڪمائڻ جو روادار هوندو آهي، انهيءَ ڪري هارين، پورهيتن ۽ گهرجائن جي لهڻي ليکي جو استحصال ڪري، انهن جي ڪمائيءَ تي عيش عشرت جي زندگي گذاريندو آهي. انهن استحصالي طريقن کي لڳاتار جاري رکڻ جي لاءِ ضروري هوندي آهي ته هو فرعوني ۽ هاماني ڪلاس جو ساٿ ڏئي رباني سماجوادي نظام قائم ٿيڻ نه ڏين. سماجوادي نظام انسانن جي آزادين، اجتماعي ڪفالت ۽ منصفاڻي نظام جي تقاضا ڪندو آهي، انهيءَ ڪري ننهن چوٽيءَ جو زور لائي هو اهڙي نظام جي سڀني امڪانن کي رد ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا آهن ۽ اهڙين ڪوششن ۾ چوٿون ابليسي ساٿي "آذري ادارو" سندن بيحد مددگار بڻبو آهي.

(4) **آذري ادارو:**

مذهبي پيشوائيت جي صورت ۾ هي ادارو ماڻهن جي لاءِ وڏي تقديس جي صورت اختيار ڪري وٺندو آهي. دنيا جي ٿورڙي نفعي جي لاءِ هي گروهه الله جي

آيتن کي وڪرو ڪندو آهي. تان ته هر صورت ۾ انهن جي مسند ارشاد ۽ ڪوڙي فضيلت قائم رهي. هن گروهه جي باني آذر نمرود جي ڪوڙي خدائيءَ کي ٽيڪو ڏيڻ جي لاءِ شرڪ جي طريقن کي "وسيلي"، "شفا" ۽ "مقرب" جي نالي استعمال ڪيو ۽ پوءِ يهودين جي احبار ۽ رهبان ۽ مسلمانن جي مشائخن ۽ جعلي، ڏنڊوڙي مُلن مولوين انهيءَ کي اپنايو.

آذري پيشوائيت جا ٻه وڏا حربا رهيا آهن. (1) فن تاويل بالباطل يعني ڪوڙين تاويلن جي ذريعي حلال کي حرام ۽ حرام کي حلال بنائڻ (2) فن تسميه بالباطل يعني تقديس جي لباس ۽ نالن واريون مذهبي رسمون وجود ۾ آڻي ماڻهن کي حق، جدوجهد ۽ مزاحمت جي واٽ کان اوجهل رکڻ. انهن ٻنهي طاغوتي طريقن کي ابليس پنهنجي وسوسن ۽ فريب ڪاريءَ سان ماڻهن کي دل لڀائيندڙ ڪري ڏيکاريندو آهي ۽ ويچارا سادڙا ماڻهو شيطان جي وڪڙ ۾ اچي ايمان، تقويٰ ۽ توحيد جي اطمينان ۽ سلامتيءَ واري زندگيءَ کان محروم رهجي ويندا آهن. منجهائن حق جو ساٿ ڏيڻ، ظلم جي خلاف مزاحمت جي رستي تي هلڻ ۽ غلامين جي خاتمي لاءِ وڙهڻ جي امنگ ئي ختم ٿي ويندي آهي. شيطان جون جادوئي ترڪيبون اهڙن ماڻهن کي توحيد ۽ آزاديءَ جي هيڏي ساري مايا کان محرومي ۽ ابدي زيان جي طرف سوچڻ جو موقعو ئي نه ڏينديون آهن ۽ نه ڪو ڪين احساس جاڳندو آهي، نه ڪين آخرت ۾ الله جي سامهون سرخروئي سان پيش ٿيڻ جو فڪر هوندو آهي، نه الله جي قربتن ۽ رضا ماڻڻ جو اشتياق هوندو آهي ۽ نه وري الله جي موڪليل هدايت ۽ نبي ڪريم جي طريقي تي هلي انهيءَ جي جماعت ۾ ڳٽجڻ جي امنگ هوندي اٿن. پنهنجي مسلسل نادانين جي ڪري اهي ماڻهو پيرن، فقيرن جي درگاهن ۽ قبرن تي پٽڪي انهن کي الله وانگر پنهنجو مددگار ۽ مالڪ ٻڌائي الله جا گستاخ ۽ بي ادب بڻجي ويندا آهن ته نتيجي ۾ الله پاڪ جي بي پرواهه ذات به انهن جي مٿان پنهنجي رحمت جو هٿ مٿي ڪڻي وٺندي آهي. پوءِ شيطان وڏي آزاديءَ سان انهن جي ڳچيءَ تي مسلط ٿي ويندو آهي، جيڪو ڪين ڪڏهن به سنڀلجڻ جو موقعو ئي نه ڏيندو آهي ۽ اها انسان جي وڏي ۾ وڏي بدقسمتي هوندي آهي. پوءِ محروميون، اٿهوند، ذهني عذاب، چٽيون پريشانيون، خوف، ڳٽيون، ڀانت ڀانت جون بيماريون زندگيءَ جو روڳ بڻجي وينديون آهن. نه شخصي زندگيءَ ۾ اطمينان ۽ سلامتي حاصل هوندو آهي ۽ نه ڪين اجتماعي زندگيءَ ۾ عدل ۽ سلامتيءَ جو نظام مهيا ٿي سگهندو آهي. هن عارضي زندگيءَ کان پوءِ جي اصلي ۽ ابدي زندگيءَ ۾ الله تعاليٰ پنهنجي عدل ۽ انصاف جي قانون سان عقيدن ۽ عملن جي جيڪو ذري ذري جو حساب وٺي ان جو بدلو ڏيندو ان جو تفصيل ته وري سڄي قرآن ۾ جابجا موجود آهي. پڪ ڄاڻجي ته الله پنهنجي ڪيل ڳالهين تان ڪڏهن به ڦرڻ وارو ڪونهي.



اهي چارئي ادارا حزب الشيطان (شيطاني جماعتون) آهن. اهي پنهنجي هر روپ ۽ رنگ ۾ الله، ان جي موڪليل هدايت ۽ ان جي ٻانهن جا دشمن آهن. قرآن حڪيم جيئن ته نور (روشني) ۽ هدايت آهي ۽ ڳولائن کي انهن جي منزل مقصود ۽ صراط مستقيم ڏيکاري ٿو ۽ انهن لاءِ ڀروسي جو وڏو سهارو به آهي، انهيءَ ڪري شيطان ۽ سندس چار گروهه عام ماڻهن کي قرآن حڪيم کان پري رکڻ جا جتن ڪندا رهندا آهن.

جابر ۽ آمر حڪمرانن کي پڪ هوندي آهي ته قرآن جو توحيدي تصور سيني انساني غلامين جو خاتمو آڻي هڪ الله جي عبديت ۾ آڻڻ جو پيغام آهي ۽ الله کي چنبڙي پوڻ جي مضبوط رسي آهي، انهيءَ ڪري انسان انهيءَ حقيقت جي رازن کان اڻواقف هجن. هاماني ادارن ۽ ايجنسين کي يقين هوندو آهي ته قرآن رباني سماجوادي نظام ۽ انساني آزادين سان گڏ اجتماعي ڪفالت ۽ منصفاڻي نظام جو شعور عطا ڪندو، انهيءَ ڪري مستڪبرن جي حڪومت قائم ڪرڻ لاءِ ضروري آهي ته مستضعفين (غريب پورهيت ۽ ڪمزور طبقن) جي ڳچيءَ ۾ غلاميءَ جي طوق کي اڃا به سوڙهو ڪيو وڃي. اهڙي طرح مختلف حربن جي ذريعي انسانيت کي اهڙي شعور جي سرچشمي فڪر ۽ ان مقصد لاءِ ڪم ڪندڙ جماعتن کان ڪٽي رکجي. قاروني ادارو سرمائي پرستيءَ جي نظام جي تحفظ لاءِ آذري طبقي کي مراعات ڏئي ڪيس دين جي حقيقي پيغام کي لڪائڻ ۽ خلق کي قرآن جي تدبر کان پري رکندو. ان جي عملي الاهيات ۽ ان جي سماجي شعور کان غافل رکندو ۽ "دنيا باطل آهي" جا فلسفا گهڙي حسنة في الدنيا جي فڪر بجاءِ دنيا کي ڪافرن جي فلاح ۽ سلامتيءَ جي جاءِ قرار ڏيندو ۽ مسلمانن کي درپيش صورتحال الله تعاليٰ جي مشيت قرار ڏئي ان تي صابر ۽ شاڪر رهڻ جي تلقين ڪندو رهندو آهي. هن دنيا جي ذلتن، بک ۽ بدحاليءَ کي آخرت جي آجپي سان تعبير ڪندو آهي.

قرآن حڪيم جي سورت مجادله ۾ حزب الشيطان يعني شيطان جي انهن ساٿاري طبقن جي ڪرتوتن ۽ انهن جي انجام جو وچور هن طرح ڏنو ويو آهي:

"(اي رسول) ڇا تو انهن (منافقن) ڏي نه ڏٺو جن اهڙي قوم سان دوستي رکي جن تي (خدائي نظام جي مخالفت ۽ سرڪشيءَ جي ڪري) الله ڪاوڙيو آهي. اهي نه ئي حقيقت ۾ اوهان مان آهن ۽ نه ڪليو ڪلايو انهن مان آهن. اهي ڄاڻي ٻجهي (اوهان جي ڀوئلڳ هئڻ جو) ڪوڙ تي قسم کڻن ٿا. الله انهن لاءِ سخت عذاب تيار ڪري رکيو آهي ڇو ته انهن جا ڪم بڇڙا آهن. انهن پنهنجن قسمن کي ڍال بڻايو آهي، پوءِ (ان ڍال يعني مسلمانيءَ جي آڙ ۾) ماڻهن کي الله جي رستي (۽ ان جي قانونن) تي هلڻ کان روڪين ٿا، سو انهن لاءِ ذلت ڀريو عذاب آهي.

سندن مال ۽ اولاد (جنهن جي گهمنڊ تي آهن) الله جي (مڪافات وارن قانونن جي) اڳيان ڪين ڪجهه به ڪم نه ايندا. اهي باهه وارا آهن, ان ۾ پيا رهندا. جنهن ڏينهن الله انهن سڀني کي (جيئرو ڪري) اٿاريندو پوءِ اهي سندس اڳيان (مسلمانيءَ جو) قسم کڻندا, جيئن اوهان جي اڳيان کڻن ٿا ۽ سمجهن ٿا ته (سندن انهن قسمن سان ڀرم رهجي ويندو تنهن ڪري) ڪنهن چڱيءَ حالت ۾ آهن, پڪ سان اهي پهرين درجي جا ڪوڙا آهن. شيطان ۽ ان جون سرڪش ۽ فساد پسند قوتون) انهن جي مٿان غالب ٿي ويون آهن جنهن ڪري انهن الله جي اطاعت ۽ ان جي اطاعت جي رشتي کي وساري ڇڏيو آهي. اهي حزب الشيطان (يعني شيطان جي جماعت) آهن. پڪ ڄاڻو ته شيطان جي جماعت وارن جي لاءِ آخرڪار نقصان ۽ خسارو ئي آهي. جيڪي الله ۽ سندس رسول جي مخالفت ڪن ٿا سي نيٺ تمام خوار ماڻهن مان ٿيندا. الله جو لکيل فيصلو (قانون) آهي ته مان ۽ منهنجا رسول (حق ۽ باطل جي ڪشمڪش دوران) ضرور (باطل قوتن تي) غالب ٿيندا. بيشڪ, الله هر قسم جي قوتن جو مالڪ ۽ زبردست آهي. (المجادله 14 کان 21)

قرآن حڪيم شيطاني طبقن جي اصليت, منافقي, طريقئہ واردات, مڪارين ۽ انجام کي بلڪل واضح ڪري ٻڌايو آهي. انهيءَ ڪري الله جي ساٿاري جماعت يعني حزب الله پاڻ کي منظم ڪري الله جي مشيت ۽ حڪمن جي سربلندي لاءِ شيطاني طبقن سان پنهنجي پنهنجي محاذ تي مهاڏو ضرور اٽڪائي.

**

### يهودين جو نقش قدم

يهودين جي هڪ بري صفت اها به هوندي هئي ته اهي ڪنهن اهڙي سڌارڪ جي ڳولا ۽ انتظار ۾ هئا جيڪو انهن کي تڪليفن ۽ ڏاکڙن کان ڇوٽڪارو ڏياري ۽ انهن کي اوج ۽ ترقيءَ تي پهچائي. ليڪن اهڙين خواهشن هوندي به جڏهن انهن وٽ ڪو رسول, سڌارڪ ۽ ڇوٽڪارو ڏياريندڙ ايندو هو ته ان کي قتل ڪري ڇڏيندا هئا. هن حد تائين جو حضرت مسيح بن مريم جهڙو جليل القدر رسول آيو ته ان کي به نه مڃيائون ۽ ڪيس ڪوڙو سڏيائون تان جو پنهنجي ليکي ان کي قتل ڪيائون. يهودين جي انهيءَ رويي جو ڪارڻ به رسولن ۽ سڌارڪن بابت انهن جو هي تصور هو ته جيڪو رسول ٻين جي غلاميءَ کان ڇوٽڪارو ڏياريندڙ انهن وٽ ايندو, اهو آسماني ڪرامتن جو دور آڻيندو ۽ انهن کي لڙائي جي ڏاکڙن ۽ تڪليفن برداشت ڪرڻ جي ضرورت ئي نه پوندي. موجوده دور ۾ مسلمانن مان جيڪي ماڻهو جهاد کان پاسيرا ٿي ويٺا آهن ۽ دشمنن جي مقابلي لاءِ ڪابه تياري نٿا ڪن, انهن کي يهودين جي تاريخ ۽ حالات تي نظر ڦيرائڻ گهرجي. پوءِ جيڪڏهن اهي ٿڌي دماغ سان غور ڪري ڏسندا ته ڪين ڏسڻ ۾ ايندو ته سندن حالت به يهودين کان گهٽ نه آهي, ڇوته اهڙن مسلمانن پنهنجي ديني ۽ سياسي ترقي مهدي يا حضرت مسيح جي آمد تي موقوف ڪري ڇڏي آهي.

(مولانا عبيدالله سنڌي, تفسير الهام الرحمن ص 152)



**مولانا شعيب الرحمان ڪهڙو**

**عليڪم بسنتي**

## مسلمانن سان خيرخواهي جو نبوي طريقو

ماڻهو ڪيڏيون به تڪليفون ۽ اذيتون ڇو نه ڏين, پر پاڻ سڳورن ﷺ جو طريقو اهو هو ته پاڻ سڳورا ﷺ ماڻهن لاءِ سراپا رحمت ئي رحمت هئا. اوهين ڪجهه وقت جي لاءِ طائف جي واقعي تي نظر ڪريو پاڻ سڳورا ﷺ سوين ميل پنڌ ڪري طائف وارن کي گمراهيءَ جي کڏ مان ڪڍڻ, هدايت ۽ سلامتيءَ واري واٽ تي وٺي هلڻ جي لاءِ روانا ٿين ٿا. طائف وارا پاڻ سڳورن ﷺ جو پيغام ٻڌڻ ته ڪونه ٿا, ويتر ڪين برو ڀلو چون ٿا, الله جي پيغمبر کي اذيت ۾ وجهندڙ جملا ڳڙٽا پون ٿا, طائف جا رولو ڇوڪرا پاڻ سڳورن ﷺ تي پٿرن جو مينهن وسائن ٿا, جسم مبارڪ رت ۾ ريتو ٿي پوي ٿو جُتي مبارڪ رت سان رڱجي وڃي ٿي, ڏکويل حال ۾ ڪٿي ساهي پٽڻ جي لاءِ ويهن ٿا, ته رب جو فرشتو خدمت ۾ پهچي عرض ڪري ٿو: اي الله جا رسول! حڪم ڪيو ته, طائف جي ٻنهي جبلن کي چڪيءَ جيان ملائي انهن کي پيهي ڇڏيون, الله اڪبر! رحمت اللعالمين فرمائي ٿو: بعثت رحمتا لاعذاباً (الله مون کي ان لاءِ ناهي موڪليو ته, آءُ ماڻهن لاءِ عذاب بڻجان, بلڪ رب مون کي ماڻهن جي لاءِ رحمت بنائي موڪليو آهي.) جيڪڏهن هي نٿا سمجهن ته, مون کي اميد آهي ته انهن جو پويون نسل سڌري پوندو.

بل ارجوا ان يخرج الله من اصلابهم من يعبد الله وحده لاشريڪ به شيئاً

(بخار, مسلم)

مون کي اميد آهي ته, الله انهن مان اهڙا ماڻهو پيدا ڪندو جيڪي هڪ الله جي عبادت ڪندا ۽ ان سان ڪنهن کي شريڪ نه ڪندا.

پاڻ سڳورا ﷺ انسانن جي هدايت جي لاءِ حريص هئا, تنهن ڪري انهن جي تڪليفن جي باوجود انهن لاءِ هدايت ۽ رحمت جون دعائون گهرڻ لڳا, ان ڪري هڪ مؤمن کي پاڻ سڳورن ﷺ جي ان سنت تي عمل ڪندي ٻين جي هدايت جي لاءِ حريص ۽ سرگردان هئڻ گهرجي. دين جي دعوت ۾ تڪليفون ڏيندڙن جي لاءِ بددعا نه ڪرڻ گهرجي, بلڪ انهن جي لاءِ هدايت جون دعائون ڪرڻ گهرجن ته جيئن الله تعاليٰ انهن جا سينا هدايت جي لاءِ کولي ڇڏي.

اسلام ۽ ڪُفر جي پهرين معرڪي جنگ بدر ۾ جيڪي ماڻهو قيدي ٿي آيا هئا, اهي پاڻ سڳورن ﷺ جا بدترين دشمن هئا, پر پوءِ به پاڻ سڳورن ﷺ انهن سان سهڻو سلوڪ ڪيو انهن قيدين ۾ سعل بن عمرو نالي هڪ شخص هيو جڪو پاڻ سڳورن ﷺ جو سخت دشمن هو هو محفلن ۾ پاڻ سڳورن ﷺ کي گهٽ وڌ ڳالهائيندو

هو ۽ انتهائي خراب گندي زبان استعمال ڪندو هو. حضرت عمر رضي الله عنه راءِ ڏني ته، ان جا هيٺيان ٻه ڏند ڪڍيا وڃن ته جيئن هو اڳتي جي لاءِ محفلن ۾ اوهان جي خلاف ڳالهائي نه سگهي، ۽ ان جي تقرير جو جوش ختم ٿي وڃي. تنهن تي پاڻ سڳورا ﷺ وراڻيو ته: ”قيامت جي ڏينهن الله تبارڪ و تعاليٰ منهنجو چهرو بگاڙي ڇڏي، (جيڪڏهن مان اهڙو اذيت پسند هجان) توڙي جو مان الله جو رسول (ﷺ) آهيان.

قدرت ۽ طاقت جي باوجود پنهنجن جاني دشمنن کان انتقام ۽ بدلو نه وٺڻ ۽ مستقبل جي اميد ۾ ماضي ۽ حال جي تلخين ۽ تڪليفن کي نظرانداز ڪري ڇڏڻ، پيغمبر ڪريم ﷺ جن جي سنت آهي ۽ جيڪو پاڻ ڪريم ﷺ جن جي سنت کان منهن موڙيندؤ اهو پاڻ سڳورن جي امت مان ٿي نٿو سگهي، جيئن پاڻ ڪرم ﷺ جن جو فرمان آهي: ”نڪاح منهنجي سنت آهي، جيڪو منهنجي سنت کان منهن موڙيندو اهو مون مان نه آهي.“

مسلمانن کي پاڻ سڳورن ﷺ جي هر سنت تي عمل ڪرڻو آهي. جيڪو پاڻ سڳورن ﷺ جي ڪنهن به سنت کان منهن موڙيندو اهو مسلمان ٿي نٿو سگهي. ۽ نه ئي اهو پيغمبر ڪريم ﷺ جن جي شفاعت جو حقدار ٿي سگهي ٿو. جنهن کي پاڻ ڪريم ﷺ جن جو طريقو پسند نه آهي، اهو پيغمبر جو امتي ڪيئن ٿي سگهي ٿو ۽ آخرت ۾ پيغمبر جو رفيق ڪيئن ٿي سگهي ٿو؟

**رحمت ئي رحمت:**

پاڻ ڪريم ﷺ جن جي پوري زندگي پوري انسانذات جي لاءِ رحمت ئي رحمت هئي، هو ڌرتيءَ تي خدائي صفت رحمان ۽ رحيم جا عملي تفسير هئا، هو خدائي خلق تي مهربان ۽ الله جي ٻاجهه هئا، قرآن ان جي شاهدي هنن لفظن ۾ ڏئي ٿو:

فَبِمَا رَحْمَةٍ مِّنَ اللهِ لِنْتَ لَهُمْ ۚ وَلَوْ كُنْتَ فَظًّا غَلِيْظَ الْقَلْبِ لَانْفَضُّوْا مِنْ حَوْلِكَ ۖ فَاعْفُ عَنْهُمْ وَاسْتَغْفِرْ لَهُمْ وَشَاوِرْهُمْ فِى الْاَمْرِ ۚ فَاِذَا عَزَمْتَ فَتَوَكَّلْ عَلَى اللهِ ۗ اِنَّ اللهَ يُحِبُّ الْمُتَوَكِّلِيْنَ ﴿١٥٩﴾

(آل عمران: 159)

”سو الله جي مهربانيءَ سان ئي تون انهن لاءِ ئي نرم ٿئين ۽ جيڪڏهن تون سخت مزاج سخت دل هجين ها ته، اهي تنهنجي آسپاس کان ٽڙي پکڙي وڃن ها، پوءِ تون انهن (جي غير شعوري انساني خطائن کي) معاف ڪر ۽ انهن لاءِ معافي گهر.“

عام انسانن جي لاءِ پنهنجي دل ۾ نرمي پيدا ڪرڻ، انهن سان شفقت، مهرباني، ٻاجهه ۽ ڪرم وارو ورتاءُ رکڻ، پاڻ سڳورن ﷺ جي سنت آهي. جيڪي ماڻهو پنهنجي دل ۾ سخت مزاجي رکن ٿا، خدا جي خلق سان مهرباني ۽ ٻاجهه واري هلت نٿا هلن، اهي پيغمبر جي ان سنت کان منهن موڙين ٿا ۽ اهڙا ماڻهو پيغمبر جا تابعدا ٿي نٿا سگهن.

***



**مولانا سعيد احمد اڪبر آبادي**
**سنڌيڪار: مولانا عبدالسلام سومرو**

# مسلمانن جو عروج ۽ زوال

سرڪار رسالت مآب صلي الله عليه وسلم جن جي وصال کان پوءِ سيدنا علي ڪرم الله وجهه جي خلافت جي زماني تائين، ان دور کي ”خلافت راشده“ جو دور چيو ويندو آهي. امت جو اتفاق آهي ته اهو حڪومتي دور، نبوت جي حڪومتي دور مطابق هو. ”خلافت عليٰ منهاج النبوة“ خلافت راشده جو نظامِ حڪومت نه فقط مثالي ۽ معياري هيو بلڪ انساني دنيا لاءِ قيامت تائين قابل تقليد نمونو به نبوت جي دور کان پوءِ اهو دور چئي سگهجي ٿو.

**خليفن جي سادگي**

خلفاء راشدين دنوي زندگي نهايت سادگي سان گذاريندا هئا. ظاهري ڏيک ويک ۽ شان شوڪت کان هو ناآشنا هئا. غريبن ۽ مسڪينن سان گڏ رهڻ ۽ انهن جي مدد ڪرڻ ۾ ڪوبه عار محسوس نه ڪندا هئا. سيدنا ابوبڪر رضه، خلافت تي فائز ٿيڻ کان اڳ هڪ ٻي سهارا پاڙيسري ڇوڪري جي ٻڪري جو کير ڏهندا هئا. خلافت ملڻ کان پوءِ اها ڇوڪري ڇوڻ لڳي ته هاڻي مون کي کير ڪير ڏهي ڏيندو؟ سيدنا ابوبڪر رضه کيس فرمايو ته اي ڇوڪري تون پريشان نه ٿيءُ خلافت مون کي خدا جي مخلوق جي خدمت کان نٿي روڪي سگهي.

سيدنا عمر رضه جنهن سادگي سان زندگي بسر ڪندو هو، ان جو مثال انساني تاريخ ۾ ملڻ مشڪل آهي. هڪ طرف سندس فوجون روم ۽ فارس جي طاغوتي حڪومتن جا تختا اونڌا ڪري رهيون هيون. جابر حڪمرانن تي سندس نالي ڪڻڻ سان ڏڪڻي طاري ٿي ويندي هئي. حضرت خالد رضه جهڙي بهادر سپهه سالار کي معزول ڪن ٿا ته هو ڪنڌ جهڪائي اطاعت ڪري ٿو. ٻي طرف اهڙي عظيم رهبر جي بدن تي جيڪي ڪپڙا پهريل آهن ان تي چتيون لڳل آهن. مٿي تي پراڻو ڦاٽل پٽڪو ٻڌل آهي، پيرن ۾ هڪ معمولي جتي آهي، آرام لاءِ ڪنهن ڇپر ۽ خيمي جي ضرورت محسوس نه ٿو ڪري بلڪ ڪنهن وڻ جي ڇانو ۾ سمهي ننڊ پوري ڪري ٿو. ڊگهي سفر ۾ ڪنهن اٺ تي سوار ٿي مديني مان نڪري ٿو ساڻس ڪو وفد گڏ ناهي. هڪ معاون همسفر آهي ۽ اٺ تي واري واري سان سواري ڪن ٿا، ڪڏهن پاڻ ته وري ڪڏهن معاون چڙهيو وينو آهي ۽ پاڻ پيادل پيو هلي. غريبن ۽ بڪايل انسانن جو ايتري قدر خيال ڪرڻ، جو رات جو پنهنجي پٺي تي خوراڪ کڻي، انهن جي گهرن تائين پهچائڻ. بيت المال جو

هڪ اٺ گم ٿي ويو تہ پريشان ٿي ان جي ڳولا لاءِ نڪتو ۽ نيٺ تلاش ڪري واپس وريو. پويان مسجد نبوي ۾ ماڻهو جماعت سان نماز پڙهڻ لاءِ پنهنجي امام جو انتظار ڪري رهيا هئا. پڇڻ لڳا تہ سائين اٺ ڳولڻ لاءِ اسان کي حڪم ڪريو ها, فرمايائون قيامت جي ڏينهن بيت المال جي شين متعلق مون کان پڇا ڪئي ويندي.

ابن اثير لکي ٿو تہ هڪ دفعي سيدنا علي رضہ پنهنجي خلافت جي دور ۾ بازار ۾ آيا ۽ اتي گهر جو سودو سلف خريد ڪيائون ۽ هڪ درهم جو فروٽ بہ ورتائون انهن شين کي چولي جي دامن ۾ وجهي موٽي رهيا هئا تہ ماڻهو چوڻ لڳا اي اميرالمؤمنين رضہ اسان کي ڏيو تہ کڻائي هلون, فرمائيون تہ "ابوالعيال احق بخمله" "اولاد وارو شخص پنهنجي گهر لاءِ ورتل شين کڻڻ جو وڌيڪ ذميوار آهي."

## بيت المال جي حفاظت

خلفاءِ راشدين رضہ پنهنجي اخلاص, تقويٰ ۽ ايمان ڪامل هجڻ سبب بيت المال جي هڪ هڪ درهم جي حفاظت ڪندا هئا ۽ ان جي استعمال ۾ زبردست احتياط ڪندا هئا. هو حقيقت ۾ ان مال کي عوام جي امانت سمجهندا هئا. هو پنهنجي ذات, خاندان يا دوست احباب جي آرام يا انهن جي خوشنودي خاطر خرچ ڪرڻ کي قطعي حرام تصور ڪندا هئا. جيڪي خليفا پنهنجي زندگي جي ضرورتن لاءِ ڪجھ رقم بيت المال مان وٺندا هئا تہ اها ايتري قدر ٿوري هوندي هئي جنهن مان صرف ڪفايت جي طورتي زندگي گذاري سگهجي ۽ سندن زندگي هڪ عام ماڻهو جي سطح کان بہ گهٽ درجي تي پهتل هئي.

هڪ دفعي سيدنا عمر رضہ بيمار ٿي پيو دوا ۾ ماکي تجويز ڪئي وئي, بيت المال ۾ ماکي موجود هئي مگر مسلمانن جي اجازت کان سواءِ حضرت عمر رضہ ان کي استعمال ڪرڻ نہ گهريو پوءِ مسجد نبوي ۾ عام مسلمانن کان اجازت وٺي ماکي کي واپرايائين. (طبقات ابن سعد)

سرڪار رسالت مآب صلي الله عليہ وسلم جن جو هڪ غلام ابو رافع, حضرت علي رضہ جي خلافت جي دور ۾ بيت المال جو خزانچي هو هڪ دفعي حضرت علي رضہ ان جي ڌيءَ کي ڏٺو تہ ان کي هڪ هار پاتل هو جيڪو بيت المال جو هو. حضرت علي رضہ ان کان پڇيو تہ هي هار ڪٿان تو وٽ آيو ڇا تون چوري ڪيو آهي, جيڪڏهن اها ڳالهہ آهي تہ مان تنهن جا هٿ ڪاٽيندس. ابو رافع عرض ڪيو تہ اميرالمؤمنين, هن چوري نہ ڪيو آهي بلڪ مان پاڻ هن کي ڏنو آهي. حضرت علي رضہ وڌيڪ فرمايو تہ جڏهن منهنجو نڪاح سيده خاتون جنت رضہ سان ٿيو هو تہ ان وقت مون وٽ دنبي جي کل کان سواءِ ٻي ڪابہ شيءِ موجود نہ هئي ان تي اسان سمهندا هئاسون ۽ وري ان تي گاهہ رکي اُٺ کي چاريندا هئاسون. سيده کان سواءِ ڪوبہ شخص گهرجي ڪم ڪار لاءِ ميسر نہ هو. (ابن اثير طبري)



خلفاءِ راشدين جي دور ۾ جهڙي طرح بيت المال جي استعمال ۾ حد درجي جو احتياط ڪيو ويندو هو, اهڙي طرح وصول ڪندڙن کي بہ حڪم ٿيل هو تہ هو ٽيڪس وصول ڪرڻ ۾ ناجائز سختي ۽ ڪنهن بہ قسم جو ظلم ڪنهن سان بہ نہ ڪن, نہ وري سٺا ۽ عمدا جانور بيت المال لاءِ حاصل ڪن.

## انصاف ۽ برابري

پهرين اسلامي حڪومت جي دور ۾ احڪامن ۽ قانونن جي جاري ڪرڻ ۽ ان تي عمل ڪرڻ جي معاملي ۾ ڪنهن پنهنجي ۽ پرائي, ننڍي ۽ وڏي, امير ۽ غريب, مسلم ۽ غيرمسلم ۾ ڪوبہ فرق نہ رکيو ويندو هو. "قانون جي نظر ۾ سڀ هڪجهڙا" جي اصول تي سختي سان عمل ڪيو ويندو هو.

حضرت عمر فاروق رضہ جي پٽ ابو شحمہ تي جڏهن شراب پيئڻ جو الزام ثابت ٿي ويو تہ حضرت عمر رضہ پاڻ پنهنجن هٿن سان ان کي شرعي سزا ڪوڙا لڳايا, جنهن جي صدمي ۾ هُن وفات بہ ڪئي. (معارف ابن قتيبہ 81)

قدامہ بن مظعون جيڪو حضرت عمر رضہ جو سالو هيو ۽ وڏي رتبي جو صحابي رسول صہ هيو جڏهن اهو بہ ان ڏوهہ جو ڏوهاري بڻيو تہ ان کي بہ ڪوڙا لڳايا ويا. (طبقات ابن سعد)

مصر جي گورنر حضرت عَمرو بن عاص جي متعلق جڏهن هڪ قبطي ان جي ظلم ۽ زيادتي جي شڪايت ڪئي تہ حضرت عمر رضہ ان وقت ئي گورنر کي مصر مان گهرائي, ان جو فيصلو ڪري ڪيس سزا ڏني. (حسن المحاضره جلد 3)

ايتري قدر جو جيڪڏهن خليفة المسلمين پاڻ ڪنهن معاملي ۾ دعويدار هوندو هو تہ هو عام ماڻهن وانگر عدالت ۾ اچي انصاف طلب ڪندو هو ۽ قاضي, خليفي جي شخصيت کي نظرانداز ڪري عام ماڻهن وانگر ان کان سوال ۽ جواب ڪندو هو ۽ شريعت مطابق اُن جو فيصلو ڪندو هو. هڪ دفعي اميرالمؤمنين سيدنا علي رضہ جي حڪومت دور ۾ سندس زره ڪري پئي ۽ اها هڪ عيسائي (غيرمسلم) کڻي لڪائي ڇڏي. سيدنا علي رضہ عدالت ۾ پهتو قاضي شريح هن کان شاهد طلب ڪيا, حضرت علي رضہ فرمايو تہ مون وٽ شاهد نہ آهن, جج حضرت علي رضہ جي خلاف فيصلو ڏئي ڇڏيو. (ابن اثير جلد 3 ص160)

حضرت عمر رضہ پنهنجي رعب تاب ۾ ڪيڏي وڏي شخصيت هو هڪ دفعي اُبي بن ڪعب رضہ سان ڪنهن معاملي تي نزاع ٿيو مشهور صحابي رسول صہ زيد بن ثابت رضہ انصاري و مقدمو پيش ٿيو. حضرت عمر رضہ عدالت ۾ آيو تہ حضرت زيد رضہ تعظيمي طرح اٿي بيٺو ان تي سيدنا فاروق اعظم رضي الله عنه فرمايو تہ اي زيد هيءَ تنهنجي پهرين ناانصافي آهي جيڪا تون هن ڪيس ۾ ڪئي آهي, پوءِ پاڻ پنهنجي فريق سان وڃي گڏ ويٺو.

خليفي جي چونڊ مسلمانن جي اعتماد تي پورا لٿل ماڻهن جي ذريعي عمل ۾ ايندي هئي. ان معاملي ۾ ڪنهن به پنهنجي پٽ، پاءُ، مائٽ يا خاندان جي ماڻهو کي خلافت لاءِ مقرر نه ڪيو. نه ئي انهن لاءِ ڪا وصيت ڪيائون. ان قسم جون بدعتون (ملوڪيت) بعد ۾ وجود ۾ آيون، جن سبب امت سڌي راهه کان هٽندي وئي.

## ذميوارين جو احتساب

خلفاءِ راشدين رضہ پاڻ جهڙي طرح سادگي، قناعت، بي غرضي ۽ ذاتي مفاد کان بلند تي زندگي گذاريندا هئا. اهڙي طرح هو ان ڳالهه جو به خاص خيال رکندا هئا بلڪ ان جي نگراني ڪندا هئا ته حڪومتي عهديدار، گورنر ۽ سرڪاري افراد به ان طرح جي هلت چلت رکن ۽ سني ۽ معياري ڪردار جو مظاهرو ڪندا رهن. عام طرح هدايت ڏنل هئي ته هو پلن گهوڙن تي سواري نه ڪن، سنها ڪپڙا نه پهرين، ڇٽيل اٽي جي ماني نه کائين، حاجتمندن لاءِ سندن دروازو هر وقت کليل رهي. (طبري جلد 5)

هر گورنر جي آمدني ۽ ان جي اخراجات ۾ گهريلو سامان کي ڏٺو ويندو هو. جيڪڏهن محسوس ٿيندو هو ته هن وٽ وڌيڪ دولت موجود آهي ته باقاعده پڇا ٿيندي هئي ۽ ان جو حساب ٿيندو هو. ان قسم جي سختي ۾ هدايتن جو اهو مقصد هو ته مسلمانن جا سربراه جفاڪش، محنتي ۽ مخلوق جا خدمت گذار تي رهن. هڪ حضرت عمر رضہ کي ميدي جي ماني پيش ڪئي وئي، پڇيائون ته سيني مسلمانن کي اها ملي تي، جواب نه ۾ مليو ته فرمايائون ته جڏهن سيني مسلمانن کي اهڙي ماني ميسر ناهي ته مسلمانن جي امير کي نٿو ڄڃائي ته اها ماني کائي. (اسدالغابہ)

هڪ دفعي آذربائيجان جي گورنر عتبہ بن فرقد سلمي هڪ حلوو تيار ڪري حضرت عمر رضہ ڏانهن موڪليو. حضرت عمر رضہ ان کي واپس ڪيو ۽ ڪيس چنڊ ڪيائون ته تون سواءِ محنت ۽ مشقت جي اهڙا حلوا کائي رهيو آهين. اسان ته صرف اها شيءِ ئي کائيندا آسون جيڪا عام مسلمان به واپرائي سگهن ٿا. (فتوح البلدان 324)

اهو رويو ۽ ڪردار فقط خلفاءِ راشدين تائين نه هليو بلڪ ان وقت رسول الله صلي الله عليه وسلم جن جي تربيت يافتہ جماعت ان پاڪيزه ڪردار جي حامل هئي. ان ڪري پهرين دور ۾ جيڪا مقدس جماعت اخلاق ۽ عادتن ۾ بلند معيار تي فائز هئي. ان آثار تي هو دنيا ۾ هڪ صالح جماعت بڻجي. "بقاء اصلح" جي اصول تي پوري لٿي، ان ڪري الله تعاليٰ ڪيس دنيا جي امامت ۽ قيادت جو منصب عطا ڪيو. ۽ انهن لاءِ فرمايو ويو ته "اَنْتُمُ الْاَعْلَوْنَ" توهان ئي هن دنيا ۾ سربلند تي رهندؤ ۽ اعلان ڪيو ويو ته "اِنَّ حِزْبَ اللهِ هُمُ الْغَالِبُوْنَ" خدائي اصولن تي ڪاربند رهڻ واري جماعت ئي دنيا ۾ غالب رهندي، امامت، قيادت جو شرف ان کي ئي حاصل ٿيندو.



علامہ عبدالله منهاس

# قرآن مجيد جي اشاعت جو سلسلو

## مغلن ۽ تاتارين جي اسلام دشمني

مشرقي يورپ ۾ قرآن مجيد ترڪن جي ذريعي پهتو تاريخ انهيءَ هولناڪ حادثي کي ڪڏهن به وساري نٿي سگهي، جڏهن مغلن ۽ تاتارين (اسلام قبول ڪرڻ کان اڳ) مسلم ملڪن کي ظلم ۽ ڏاڍ جو نشانو بڻايو انهن بخارا جي مسجدن کي گهوڙن جي ٻڌڻ جون جايون بڻايون. قرآن مجيد جي نسخن کي ڦاڙي، انهن جي بي ادبي ڪئي. شهرن کي باهيون ڏيئي ڪيري جا ڍڙا بڻائي ڇڏيا. بغداد کي مٽي جو ڍير بڻائي ڇڏيو مسلمانن جي ثقافت جي هر نشان کي ميٽائي ڇڏيو. جڏهن مغلن اهي خباثتون تي ڪيون ته ان وقت به قرآن مجيد پنهنجو اثر ڦهلائيندو رهيو.

## قرآن چين ۾

چيني ترڪستان ۾ قرآن مجد ستوق بغراخان جي حڪومتي دور ۾ پهچي چڪو هو. بغراخان ان ملڪ ۾ سڀ کان وڏو بادشاهه ٿي گذريو آهي، سندن روايت آهي ته 350هجري ۾ بغرا خان اسلام قبول ڪيو ۽ قرآن کي سيني سان لڳايو پنهنجو نالو عبدالڪريم ستوق رکيو هن جي اسلام قبول ڪرڻ سان دين حق کي قوت ملي ۽ ترڪستاني ذوق شوق سان مسلمان ٿيندا ويا. هن جي ذريعي تبت، مغلستان ۽ ٻين چيني علائقن ۾ قرآن مجيد جو پيغام پهتو. هن دور جي ترڪستاني اديب منصور چنگيز جو چوڻ آهي ته مشرقي چين کان سواءِ جتي عرب واپارين ذريعي اسلام پهتو باقي سموري ملڪ ۾ ترڪستانين ذريعي قرآن مجيد جي اشاعت ٿي.

## قرآن مغلستان ۾

ترڪستانين جي ڪوشش سان مغلن جي ظالم ۽ ڪشادي رياست ۾ هر جڳهه اهڙا مسلمان موجود هوندا هئا جيڪي لڪ ڇپ ۾ قرآن مجيد جي اشاعت ڪندا هئا. قرآن مجيد جي اثر انگيز تعليم سبب دشمن ۾ منڪر به اسلام جي دامن ۾ اچڻ کي سعادت سمجهندا هئا. تيرهين صدي عيسوي ۾ ايران جي حاڪم ڪرگز قوبلائي خان جي پوٽي خان انندا، برڪ خان، خان سيرا واردا،

قرآن مجيد جي آڏو جهڪي پيا ۽ غرور ۽ هٺ کي ڦٽو ڪيائون. مصر جي حاڪم سلطان رڪن الدين برڪہ خان ڏانهن خط اماڻيو تہ واپسي ۾ قاصدن اچي ٻڌايو تہ برڪہ خان جي سيني شهزادن ۽ اميرن وٽ هڪ هڪ امام ۽ مؤذن موجود هيو ۽ اهي ٻارن کي درسگاه ۾ قرآن مجيد پڙهائيندا آهن. هلاڪو خان جي پٽ تڪودار پاڻ عيسائيت کي ڇڏي اسلام قبول ڪيو ۽ پنهنجو نالو سلطان محمد رکايو هن گهڻن تاتارين کي اسلام سان مشرف ڪيو هن سلطان مصر کي هڪ خط لکيو جنهن ۾ هي جملا بہ لکيل هئا.

”الله تعاليٰ پنهنجي مهرباني سان اسان کي جواني جي زماني ۾ هدايت جي روشني عطا ڪئي. اسان کي توحيد جي اقرار ڪرڻ ۽ حضرت محمد صلي الله عليہ وسلم جي نبوت جي تصديق ڪرڻ جي سعادت بخشي. پنهنجن دوستن ۽ نيڪ ٻانهن جي ٻاري ۾ سنن خيالن رکڻ جي هدايت ڪئي. الله تعاليٰ جنهن کي هدايت جي طرف آڻيندو آهي تہ ان جي دل کي اسلام قبول ڪرڻ لاءِ کولي ڇڏيندو آهي.“

ڪجهہ وقت کان پوءِ تڪودار هڪ باغي جي هٿان قتل ٿيو هن جي وفات کان پوءِ ڪجهہ جهڪائي پيدا ٿي. مگر هڪ بادشاهہ غازان جيڪو ٻڌ مذهب جو پيروڪار هيو ان کي هدايت نصيب ٿي ۽ هو اسلام ۾ داخل ٿيو. ان اسلام جون جڙون مضبوط ڪيون. ان طرح ايران جي مغلن ۾ اسلام جا بنياد مضبوط ٿيا. وچن شهرن ۾ چغتائي خان جي پڙپوٽي براق خان سن 1266ع ۾ مسلمان ٿي پنهنجو نالو سلطان غياث الدين رکيو. هن قرآن مجيد جي تعليم کي وڏي پيماني تي رائج ڪيو. مگر سندس موت کان بعد وري ماٺ ٿي وئي. ان وچ ۾ سلطان ڪاشغر، جنهن جو نالو تيمور خان تغلق هيو، ان شيخ جمال الدين ايراني جي تلقين تي اسلام قبول ڪيو. شيخ جڏهن قرآن مجيد هن جي هٿن ۾ ڏنو ۽ ان جي تعليم کان ڪيس واقف ڪيو تہ هن جي دل نرم ٿي وئي، ٻي طرف سيرا واردا جي اميرن کي اسلام جي سعادت حاصل ٿيندو وئي. ازبڪ خان (1313ع) جي ڪوشش رستو صاف ڪيو ۽ سمورو ملڪ اسلام ۾ داخل ٿي ويو. قرآن مجيد ذوق ۽ شوق سان پڙهڻ شروع ڪيو ويو. جنهن جو آواز وچ ايشيا تائين پهتو. ان طرح ازبڪ نالي سان هڪ قوم جو بنياد پئجي ويو. جنهن قرآن مجيد کي پنهنجو رهنما بڻايو. ازبڪن هٽان روس ڏانهن رخ ڪيو مگر ڪين ڪاميابي نہ ٿي. ازبڪن کان هڪ سو سال اڳ بلغاري مسلمانن بہ روس کي قرآن مجيد سان منور ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي هئي پر ڪاميابي نہ ٿي.



**قرآن بلغاريہ ۾**

بلغاريہ ۾ مسلمان واپارين جي اچڻ سان اسلام جي هدايت پهتي ۽ اهي واپاري 921ع ۾ روس ۾ پهتا. چو تہ ان سال خليفہ مقتدر بالله پنهنجو سفير روسين ڏانهن موڪليو هيو تان تہ جيڪي روسي اسلام قبول ڪري چڪا آهن انهن جي اسلام کي مستحڪم ڪيو وڃي. ديني علم جي سکيا ڏني وڃي. انهيءَ خليفي جي زماني ۾ بلغاريہ جو بادشاهہ پنهنجي خاندان سميت مسلمان ٿي ويو هو. مسلمان ٿيڻ کان پوءِ خليفي کان هڪ معلم طلب ڪيائين. خليفي احمد بن فضلان کي انهيءَ فريضي کي پوري ڪرڻ لاءِ موڪليو.

احمد پنهنجي سفرنامي ۾ لکيو آهي تہ:

”اسان 2 محرم الحرام 310هہ آچر ڏينهن هٽ پهتاسون پنهنجي قيام جي وقت ۾ بادشاهہ ۽ ان جي خاص ماڻهن کي قرآن مجيد جي تعليم کان واقف ڪيوسون.“

روس مان ئي قرآن مجيد جزيره ڪريميا، ڪوهستان، ڪرغيز ۾ سن 1773ع ڏاري پهتو. روس ۾ 1777ع اندر قرآن مجيد ۽ تفسير ڇئن جلدن ۾ شايع ڪيو ويو. هن ذريعي سان گهڻا روسي اسلام ۾ داخل ٿي ويا.

******


## حڪمتِ قرآن انسٽيٽيوٽ

- قرآن حڪيم جي عصري اعلي تعليم ۽ تحقيق جو ادارو
- عصري ضرورتن جي لاءِ قرآن حڪيم مان تحقيقي استفادي جو ادارو
- قرآن حڪيم جي دعوت، پرچار ۽ اشاعت جو ادارو
- عهد حاضر جي لاءِ مثالي ماڻهن جي تياري جو ادارو
- امام شاهہ ولي للّٰہ جي تعليمي طريقي تي قرآن حڪيم جي عملي الاهياتي ۽ سماجي شعور جو ادارو

الحمدللّٰہ 2 سالن کان سڄي ملڪ جي ڪنڊڪڙڇ مان سوين عالم، استاد، شاگرد، دانشور، ڊاڪٽر، انجنيئر ۽ مختلف شعبن جا ماڻهو خط و ڪتابت ذريعي فهم قرآن، تدبر قرآن ۽ حڪمت قرآن ڪورسن جي تعليم حاصل ڪري رهيا آهن. امام شاهہ ولي الله ﷫ جي تعليمي طريقي تي جوڙيل هنن ڪورسن ذريعي قرآن مجيد جي عملي الاهياتي فڪر ۽ سماجي شعور سان نہ صرف انهن جي علمي ۽ عملي صلاحيتن ۽ استعداد ۾ اضافو ٿي رهيو آهي بلڪہ پنهنجي شخصيت جي ارتقا ۽ سماج لاءِ مؤثر ڪردار جي ادائگي جا مقصد بہ حاصل ڪري رهيا آهن.

اوهان بہ قرآن حڪيم جي ذريعي الله جي موڪليل هدايت ۽ حڪمت کان بهره ور ٿيڻ گهرو ٿا تہ هيٺين ايڊريس تي خط لکي داخلا فارم گهرائي سگهو ٿا.

**حڪمت قرآن انسٽيٽيوٽ: 6- سنڌي جماعت ڪوآپريٽو سوسائٽي،**
نيشنل هاءِ وي ڪراچي 75030 فون: 0313-2707097

مولانا محمد طاسين رح
سنڌيڪار: مولانا عبداللطيف نانگراج

# اسلامي اقتصادي تعليم جا ٻارهن سنهري اصول

(1) سوسائٽي جي صلاحيت رکندڙ ۽ لياقت رکندڙ فردن تي لازم آهي ته اهي معاشي سرگرمين ۾ حصو وٺن ۽ محنت، مشقت سان معاش (کاڌو خوراڪ ۽ ٻيون شيون) حاصل ڪري پنهنجي ۽ پوري سوسائٽي جي خدمت انجام ڏين.

(2) سوسائٽي جي فردن لاءِ جيڪي معاشي جدوجهد ۽ سرگرمين ۾ حصو وٺڻ چاهن ٿا يا وٺي سگهن ٿا انهن لاءِ مناسب ماحول جو هجڻ لازمي آهي ۽ ان سان گڏ اهو به ضروري آهي ته معاشي موقعا سڀني لاءِ برابر هجن.

(3) اجرت ۽ معاوضي جو تعين محنت ۽ مشقت جي اعتبار سان ٿيڻ کپي، جنهن ۾ محنت جو مقدار ڪيفيت ۽ مفيد نتيجن جي لحاظ کان معاوضو مقرر ڪيو وڃي ۽ ان سان گڏ اهو به ضروري آهي ته گهٽ ۾ گهٽ اجرت ايتري هجي جنهن سان زندگي جي بنيادي ضرورتن جي ڪفالت ڪري سگهجي.

(4) جڏهن ڪو انسان ڪنهن قدرتي مادي ۾ محنت ۽ مشقت ڪري ان ۾ هڪ نئي افاديت پيدا ڪري ٿو يعني ان کي هڪ حالت مان ڪڍي ٻي حالت ۾ تبديل ڪري ٿو ته اها شئي ان شخص لاءِ فائدو وٺڻ ۽ فائدو حاصل ڪرڻ جي لحاظ کان مخصوص ٿي وڃي ٿي. يعني ٻين جي مقابلي ۾ ان کي فائدي وٺڻ جو حق وڌيڪ حاصل هوندو، جنهن جو ٻيو نالو شخصي ۽ انفرادي ملڪيت آهي.

(5) ملڪيت يا ته قدرتي مادي ۾ ڪوشش، محنت ۽ مشقت ڪري ان جي هيئت تبديل ڪري ان ۾ هڪ نئين افاديت (فائدو) پيدا ڪرڻ سان ثابت ٿيندي، يا ته ڪنهن ٻئي جي ملڪيت ۾ هجڻ واري شئي ان جي حقيقي رضامندي سان گڏ بدلو (مادي يا روحاني) ڏئي ڪري حاصل ڪري سگهجي ٿي.

(6) ڏيڻ وٺڻ جا اهڙا معاملا جيڪا استحصال ۽ استبداد (جبر ۽ ڏاڍ) ڪي قائم ڪن اهي حرام آهن. اهڙي طرح غرر ۽ ضرر (دوکي ۽ نقصان) جو



باعث بڻجندڙ شيون ناجائز هونديون ۽ اهڙا ڪمائڻ جا ذريعا جن ۾ محنت ۽ مشقت کان سواءِ فائدو ورتو وڃي انهن کي روڪيو ويندو.

(7) مال جائز طريقن سان حاصل ڪرڻ سان گڏ اهو صحيح جڳهه ۽ ٺيڪ مقدار ۾ صرف ڪيو وڃي. ان ۾ نه حد کان وڌيڪ خرچ هجي ۽ نه ڪنجوسي بلڪ وچٽرائي هجي.

(8) دولت جي اظهار ۽ معيار زندگي ۾ سوسائٽي جي عمومي حالت جو خيال ڪيو ويندو. (جنهن کي شاهه ولي الله رفاهيت متوسط سان تعبير ڪيو آهي.) يعني نه پرتڪلف ۽ عياشانه طرز زندگي اختيار ڪئي وڃي جيڪا سماج ۾ چند ماڻهو ئي ڪري سگهندا آهن ۽ نه ئي وري غيرمهذب، جهنگلي ۽ بربريت واري زندگي جيڪا فطري قانون جي خلاف هجڻ سان گڏ معاشري لاءِ تباهه ڪن به آهي.

(9) جيڪي افراد طبعي ڪمزوري جي ڪري يا موقعن جي نه ملڻ سبب معاشي جدوجهد کان محروم آهن ته انهن جي معاشي ڪفالت سوسائٽي جي ٻين فردن تي لازم هوندي ان لاءِ مناسب موقعا مهيا ڪيا ويندا. ۽ اجتماعي ضرورت هيٺ مالدارن تي زڪوات، فطره کان عليحده به ٽيڪس لڳايا ويندا ته جيئن توازن قائم رکي سگهجي.

(10) جيڪي فلاحي ۽ اجتماعي اسڪيمون آهن، مثلاً زڪوات، صدقه ۽ فطرو وغيره انهن کي منظم ڪيو ويندو.

(11) جيڪي انفرادي ۽ شخصي نوعيت جا احڪام آهن، مثلاً وراثت، وصيت وغيره انهن جي خرچ لاءِ صحيح ادارا قائم ڪيا ويندا.

(12) حقن جي حفاظت لاءِ انصاف تي ٻڌل ادارا جوڙيا ويندا جن ۾ انسانن جا هڪ ٻئي تي جيڪي مالي حق ٿين ٿا (جيئن والدين جو نفعو اولاد تي، يا ننڍي اولاد جو پيءُ تي يا زال جو مڙس تي وغيره) انهن کي حقيقي مستحقن تائين پهچايو ويندو.

### مختصر تفصيل ۽ جائزو

مٿين ذڪر ڪيل اسلامي اقتصادي تعليمات جي باري ۾ ٻارهن اصولن جو ڪجهه تفصيل هن طرح بيان ڪري سگهجي ٿو ته:

پهرئين ۽ ٻي تعليم تي عمل ڪرڻ سان هي لازمي طور تي نتيجو نڪرندو ته سوسائٽي جا سڀ ماڻهو (جيڪي صلاحيت ۽ استعداد رکن ٿا) پنهنجو ديني ۽ اخلاقي ۽ قومي فريضو سمجهي ڪري معاشي سرگرمين ۾ حصو وٺندا، جنهن سان ملڪي ۽ قومي دولت ۾ بي پناهه اضافي سان گڏ سوسائٽي ۾ معاشي خوشحالي جنم وٺندي ۽ معاشرو ڪيترين ئي اخلاقي براين ۽ بڇڙين عادتن کان

محفوظ رهندو جيڪي بيڪار، مفت خوري ۽ آرام پسندي سان پيدا ٿينديون آهن.

ٽين تعليم تي عمل ڪرڻ سان معاشري ۾ سڀني افرادن جون معاشي ضرورتون ۽ بنيادي حاجتون آساني سان پوريون ٿي وينديون.

چوٿين ۽ پنجين تعليم (جيڪا ابتداء ملڪيت ۽ انتقال ملڪيت جي باري ۾ آهي) تي عمل ڪرڻ سان معاشري جي فردن جي معاشي حقن جو تحفظ ڪري سگھجي ٿو ۽ ان سان گڏ معاشرو جهيڙن، جهڳڙن کان محفوظ رهندي عدل ۽ انصاف سان قائم رهندو. ڇهين تعليم تي عمل ڪرڻ جي نتيجي ۾ معاشري ۾ حلال رزق جي ڪمائڻ جا ذريعا پڪڙبا، جنهن سان هر هڪ جي حق جو تحفظ ٿيندو. معاشري ۾ استحصال ۽ استبداد جي باهه نه ڀڙڪي سگھندي، (جنهن جي ڪري بقول شاهه ولي الله اجتماعي اخلاقيات خراب ٿي وڃي ٿي.) ڇهين نمبر تعليم تي جيڪڏهن صحيح طريقي سان عمل ڪيو وڃي ته ان سان سرمايي ۽ محنت ۾ بهترين توازن پيدا ڪري معاشري کي ترقي ڏانهن وٺي سگھجي ٿو. هن سان انهن سڀني طريقن جي، جيڪي دولت کي چند هٿن جو قيدي بڻائي ان کي سماج ۾ ڦهلجڻ نٿا ڏين، پاڙ پٽجي وڃي ٿي، جنهن جي نتيجي ۾ ملڪي پيداوار جي وسيلن ۽ دولت تي ڪنهن مخصوص گروهه جي اجاره داري به قائم نه ٿي سگھندي.

ستين تعليم تي عمل ڪرڻ سان مال اجايو خرچ نه ٿيندو بلڪ ان کي محفوظ ڪيو ويندو جنهن سان انساني فلاح ۽ بهبود جا رستا کوليا ويندا. اٺين تعليم تي عمل ڪرڻ سان هڪ بهترين اخلاقي معاشرو وجود ۾ ايندو. پاڻ ۾ هڪ ٻئي کان اڳتي وڌڻ جي ڊوڙ ختم ٿي ويندي جيڪا حقيقت ۾ ناجائز ۽ حرام ذريعن سان مال حاصل ڪرڻ جي جڙ آهي. معيار زندگي ۾ يڪسانيت سان ذهني بيچيني پيدا نه ٿي سگھندي (ڇو ته بخل ۽ حرص جا جراثيم ختم ٿي وڃن ٿا.)

نائين تعليم جو هي اثر ٿيندو ته معاشري جي سڀني فردن جون بنيادي ضرورتون آساني سان پوريون ٿي وينديون ۽ گڏ ڏهين ۽ يارهين تعليم کي منظم ڪرڻ سان اها ذميواري (يعني ڪمزرون، معذورن ۽ مسڪينن جي مدد ڪرڻ) بهترين طريقي سان سرانجام ڏئي سگھجي ٿي. ان سان هڪ بهترين سماج تشڪيل ٿيندو. بقول شاهه ولي الله جي ته معاشري جي ڀلائي ۽ ترقي ان ۾ اهي ته ان ۾ ڪوبه انسان بنيادي ضرورتن کان محروم نه هجي.) ۽ ٻارهين تعليم تي عمل ڪرڻ سان دولت گڏ نه ٿي سگھندي، بلڪ فردن ۾ تقسيم ٿيڻ سان گھڻن انسانن کي ان مان فائدو وٺڻ جو موقعو ملندو.



مٿي ذڪر ڪيل اسلامي اقتصادي تعليم جي ٻارهن نقطن جي باري ۾ هيءَ ڳالله بغير ڪنهن شڪ ۽ شبهي جي چئي سگھجي ٿي ته، جيڪڏهن انهن کي پنهنجي لوازمات سان گڏ صحيح طريقي سان انهن تي عمل ڪيو وڃي ته يقيني طورتي هڪ بهترين معتدل ۽ متوازن معاشي ڍانچو وجود ۾ ايندو. جنهن ۾ هر هڪ انسان جون بنيادي ضرورتون آساني سان پوريون ٿيڻ سان گڏ شخصيت جي تعمير، ۽ بقا ۽ واڌارو به بهترين انداز سان پروان چڙهندو. جنهن جي نتيجي ۾ معاشري جو گلدستو بهترين گلن سان مهڪجي پوندو. ۽ ان سان انسان جي جان، مال، عزت ۽ نسل جو تحفظ ٿي پوندو جيڪو هر انسان جو طبعي جذبو ۽ فطري خواهش هوندي آهي. غور طلب ڳالهه اها آهي ته معاشي مصيبتن ۾ جڪڙيل هجڻ جي بدران جڏهن انسان جون معاشي حالتون صحيح رهن ٿيون ته پوءِ اهو انسان الله جي معرفت ۽ ان جي شعور ڏانهن وکون وڌائي ترقي ڪندو وڃي پنهنجي منزل مقصود تائين پهچندو.

## حڪمت و دعوت قرآن جي مشن ۾ اوهان به عملي شرڪت ڪريو!

حڪمت قرآن انسٽيٽيوٽ قرآن مجيد جي ترجمن ۽ حڪيماڻي علمن کي پڙهائڻ جو مشنري اسپرٽ رکي ٿو، تان ته قرآن حڪيم کي صرف مذهبي عقيدت جي حد تائين نه بلڪ رهبري ۽ رهنمائيءَ جي ڪامل شعور سان پڙهيو ۽ سمجهيو وڃي.

**رضاڪار جي حيثيت ۾** (As a Volunteer)

اوهان پاڻ به عملي طرح ان مشن جو حصو بڻيو ۽ بحيثيت رضاڪار جي پنهنجي گھر وارن، اداري ۾ ڪم ڪندڙ ساٿين ۽ پنهنجي چوڌاري موجود ماڻهن ۾ انهيءَ مشن کي ڦهلايو. اوهان جي ٿورڙي محنت ۽ جذبي سان ڪيترا ماڻهو پنهنجي پالڻهار سان توحيد ۽ ازلي عبديت جو تعلق جوڙي وٺندا. انهيءَ ڪري:

1- اوهان پاڻ به قرآن حڪيم کي ترجمي سان پڙهڻ جو آغاز ڪريو

2- پنهنجي اداري ۽ محلي ۾ قرآن حڪيم ترجمي سان پڙهائڻ جي ڪوشش وٺو ۽ عملي آغاز ڪيو.

3- حڪمت قرآن جي دعوتي لٽريچر، رسالي توحيد ۽ قرآن علمن جي ڪتابن کي ڦهلايو.

**علمي رضاڪار جي حيثيت ۾:** (As an Academian)

اوهان استاد آهيو، عالم آهيو ۽ قرآن حڪيم جي فيض جا صاحب آهيو ته پوءِ پنهنجون صلاحيتون ۽ وقت جو هڪ حصو حڪمت ۽ دعوت قرآن جي مقصدن لاءِ حڪمت قرآن انسٽيٽيوٽ جي حوالي ڪيو. تان ته اوهان کي:

1- پنهنجي اداري ۽ علائقي ۾ درس حڪمت قرآن جي آغاز جي ذميداري سونپي وڃي.

2- انسٽيٽيوٽ جي طرفان اوهان جي علمي ۽ شعوري صلاحيتن مان فائدو وٺندي تحقيقي، علمي ۽ تربيتي اسائينمينٽون اوهان جي حوالي ڪيون وڃن.

3- اوهان کي پنهنجي علائقي ۾ دعوت قرآن جي انتظام ڪاريءَ جي ذميواري حوالي ڪئي وڃي.

**لٽريچر ۽ نصاب جي لاءِ معاون جي حيثيت:** (As a Curriculum Supporter)

قرآن حڪيم جي ترجمي تفسير ۽ علوم القرآن تي مشتمل بنا ڪنهن فيسن جي حڪمت قرآن انسٽيٽيوٽ جي ٻاران چار فاصلاتي ڪورس هلايا پيا وڃن. اهڙي طرح دعوتي مقصدن جي لاءِ وسيع پيماني تي لٽريچر شايع ڪري ڦهلايو پيو وڃي ته جيئن قرآن حڪيم جي دعوت ۽ توحيد جي معرفت جو شعور گھر ويٺي به گھٽي کان گھٽا ماڻهو حاصل ڪري سگھن. اوهان انهيءَ نصاب جي فراهمي لاءِ اعانت سان هن مشن ۾ سرگرم عملي شرڪت ڪريو.

وڌيڪ رابطي جي لاءِ فون: 0313-2707097

حڪمت قرآن انسٽيٽيوٽ: 6- سنڌي جماعت ڪوآپريٽو سوسائٽي، نيشنل هاءِ وي ڪراچي 75030